وڃڻ ويڇن وٽ، جي سڪين تہ سگهو ٿيين (شاهہ)

ماهوار

# ويڇ

ڪراچي

94/7

ABC CERTIFIED

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

- هر ڊاڪٽر جي ساليانِي ڳجهي رپورٽ (A.C.R) سنڌس علائقي جي مريضن کان وٺڻ گهرجي
- اڄ ڪلهہ ڪينسر جا ڪيس وڌندا پيا وڃن
- ڇوڪرين جون ننڍي عمر ۾ شاديون هاڃيڪار آهن



پروفيسر ايم. اي عالماڻي سان ڳالهيون

## پلئگ / طاعون بابت پهريون مڪمل تاريخي ۽ طبي مضمون






Adarts-HSU-1/93

*ايڊيٽوريل*

# وبائي بيماريون

بيماري ڪنهن هڪ فرد يا مخصوص علائقي جي هجي توڙي وبائي، انسان سان سندس ناتو پراڻو آهي. جڏهن اها پکڙي يا پکڙجي ٿي ته پوءِ ان جي سٽ سهڻ ڏاڍي اٿائي آهي. ڪنهن فرد جي مخصوص بيماري کي ته ان جي جسم تائين محدود رکي سگهجي ٿو پر مختلف ذريعن سان ڦهلجندڙ بيمارين کي روڪڻ لاءِ وڏا اپاءَ وٺڻا پون ٿا. ڪا بيماري جڏهن وبائي صورت اختيار ڪري ڦهلجي ٿي ته اها ڪڏهن سڄي دنيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي سگهي ٿي.

تازو اسان جي پاڙيسري ملڪ هندستان ۾ جيڪا پلئگ جي وبا ڦهلي، تنهنجي روڪ ٿام لاءِ جيڪي اسان جي ملڪ توڙي ٻين ملڪن قدم کنيا ويا اهي تمام ضروري ۽ تعريف جوڳا آهن. پلئگ جنهن ماضي ۾ لکين ماڻهن جون قيمتي جانيون ضايع ڪيون تنهنجو تصور اسان جي ذهنن ۾ اڃا تائين پوائنتو آهي حالانڪ موجوده دؤر جي جديد طب سان ان بيماري تي باقائدي قابو پائي سگهجي ٿو. هندستان ۾ به جيڪي ماڻهو پلئگ سبب مئا آهن انهن جو تعداد ماضي جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽو گهٽ آهي ۽ سوبه وري وقتائتي تشخيص ۽ علاج نه ملڻ، صحيح صفائي سترائي نه هئڻ ۽ ماڻهن ۾ باقائده صحت جي سجاڳي ۽ ترتيب نه ٿيڻ ڪري ٿيو آهي. جنهن جو مثال پلئگ پوڳنيدڙ مريضن جو هندستان جي مختلف علائقن ڏانهن ڀڄڻ ۽ اتي بيماري ڦهلائڻ، ٻوڏ ۽ برسات سبب وڌيل گندگي جو گهڻي وقت تائين برقرار رهڻ وغيره ان ڳالهه جو چٽو دليل آهي-

پاڙيسري ملڪ هندستان کي ڇڏي جيڪڏهن اسان پنهنجي معاشري تي نظر وجهون ته صورتحال اسان وٽ به بالڪل ساڳي آهي برساتن ۽ ٻوڏن کي ختم ٿئي اڃي 2 مهينا پورا ٿيا آهن پر جنهن شهر توڙي ڳوٺ ۾ ڏسو ته آثار اڃا تازا نظر ايندا. ڪيترا ڳوٺ پاڻي جي دٻن سان وڪوڙيا پيا آهن ۽ شهرن جا رستا ۽ گٽر اڃا تائين سڌا ۽ صاف ٿي نه سگهيا آهن اها گندگي ٻين سڀني سان گڏجي هندستان ۾ نه صرف طاعون جو سبب بڻي پر اسان جي ملڪ ۾ ان گندگي جيڪي ٻيا هاڃا ڪيا آهن تن جو ذڪر ڪندي ڪوبه ماڻهو مطمئن نظر نه ايندو. اسان وٽ هر سال پاڻي جي صاف ستري نه هئڻ ڪري جيڪو التي دستن سبب ٻارن توڙي وڏن جو موت ٿئي ٿو اهو هندستان ۾ طاعون سبب مئل ماڻهن کان ڪيترا ڀيرا وڌيڪ آهي؟ مليريا جا انگ اکر ڪيترا آهن؟ کاڌي ۾ ملاوٽ سبب (SI ow Poisoning) جا ڪيترا ڪيس ٿين ٿا؟ انهن سڀني ڳالهين لاءِ جوابدار ڪير آهي؟

## ڪٿي ڪاڻ وارا مجنون

مٿي ذڪر ڪيل برساتن ۽ ٻوڏن سبب پاڪستان ۾ جيڪي تباهه ڪاريون ٿيون تن ۾ سرڪار ته جيڪي ڪجهه ڪيو، پر ان کان وڌيڪ ذڪر تي سگهي ٿو غير سرڪاري تنظيمن (NGOs) جو، جيڪي پاڻ کي هر چڱي عمل جو سرڪردو سڏرائين پيون، ملڪي سطح کان وٺي غير ملڪي سطح تائين ڪا اهڙي جڳهه ناهي جتان امداد نه وٺنديون هجن، سرڪار پاران اگر سندن فنڊز جي آڊٽ جي ڳالهه ٿئي ته ان تي به احتجاج ڪن پر سندن ڪارڪردگيءَ تي نظر وجهبي ته فائيو اسٽار هوٽلن ۾ سيمينار ڪرائڻ، ڪڏهن ڪڏهن مفت طبي ڪئمپون لڳرائڻ يا سرڪاري طريقي ڪار تي ايڪڙ ٻيڪڙ اسپتالون هلائڻ وغيره هوندو-

جڏهن ملڪ ۾ ايتري تباهي مچي وئي روڊ رستا مهينن تائين گندي پاڻي ۾ ٻڏل رهيا، واهڻ وستيون گندگي سبب بيمارين جي لپيٽ ۾ اچي ويون تڏهن سرڪار ته تڪڙ ۾ ڪجهه نه ڪيو پر انهن غير سرڪاري تنظيمن جن وٽ فنڊز به هئا ۽ افرادي قوت به، تن ڇا ڪيو........؟

ڇا رستن جي صفائي گندي پاڻي جو نيڪال ۽ گندگي ذريعي بيمارين ڦهلجڻ جي انديشن کي منهن ڏيڻ سندن ذميواري ۾ شامل نه هئو. جڏهن ته ڪين ملندڙ امداد جي استعمال ۾ وڏ ۾ وڏ ذڪر تعليم ۽ صحت جو هوندو آهي پر ڪنهن به غير سرڪاري تنظيم ان مصيبت مهل وڌي واڪي اها ڳالهه ڪونه ڪئي ته ماحول جي صفائي سترائي به سندن فرض ۾ شامل آهي.

**هوندي به اسان وٽ ڪٿي ڪاڻ وارن مجنونن جي ڪوٽ نه آهي.**

ادارو

پروفيسر عالماڻي 7 ڊسمبر 1933ع ۾ ڳوٺ سونو عالماڻي ۾ پيدا ٿيا ۽ اتان ئي پرائمري تعليم حاصل ڪئي، تنهن کانپوءِ مدل اسڪول ٽنڊو محمد خان کان ٿيندي اچي نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان 1949ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائون ۽ ساڳي شهر جي گورنمينٽ ڪاليج مان ٻن سالن کانپوءِ يعني 1951ع ۾ انٽر سائنس جو ڏاڪو ٽپيا، تنهن بعد ڊاڪٽري تعليم لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو ۾ حاصل ڪرڻ شروع ڪيائون، جتان 1956ع ۾ (ٺيڪ پنجن سالن اندر) ڊاڪٽري جي بنيادي سند (ايم . بي، بي. ايس) حاصل ڪيائون، پر ان کي پنهنجي منزل نه سمجهندي انگلينڊ جو رخ اختيار ڪيائون جتان سٺت ئي پوءِ يعني 1957ع ۾ لنڊن مان ڊي.ٽي. ايم. اينڊ ايڇ ڪيائون ۽ 1960ع ۾ ائڊنبرا ۽ گلاس ڪو مان ايم. آر. سي. پي يعني رائل ڪاليج آف فزيشنس جي ميمبر شپ حاصل ڪيائون ۽ ساڳئي ڪاليج پاران 1974ع ۾ کين فيلو شپ جو اعزاز پڻ حاصل ٿيو.

سنڌ صحت کاتي جي سيڪريٽري ۽ طبي تعليم جي جهوني استاد

# پروفيسر ايم - اي عالماڻي

## سان ڳالهه ٻولهه

انٽرويو - ڊاڪٽر زمان شيخ - ڊاڪٽر ثناءَ الله ڪوڪر، رڪارڊنگ ۽ فوٽو گرافي - سليم حيدري

1960ع کانپوءِ جڏهن ڊاڪٽري جون مٿاهيون ڊگريون وٺي واپس وطن پهتا ته کين ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ڪراچي ۾ ميڊيسن ۾ اسسٽنٽ پروفيسر جي حيثيت سان مقرر ڪيو ويو. جتان وري 1965ع کان 1967ع تائين فوج ۾ ڊاڪٽر جي حيثيت سان ڪم ڪيائون اتان واپسي بعد وري لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ ڪم شروع ڪيائون جتي 1970ع ۾ پروفيسر آف ميڊيسن جو عهدو جي



سنڀاليائون، جتي وري 1979ع کان 1985ع تائين ڪاليج جي پرنسپال جي حيثيت سان پڻ انتظامي ذميواريون به سنڀاليائون. ساڳيون انتظامي ذميواريون کين 1987ع کان 1992ع تائين ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڻ (يعني پرنسپال جي حيثيت) ڏنيون ويون ۽ 7 آڪٽوبر 1993ع تي سنڌ صحت کاتي ۾ سڀ کان مٿاهين انتظامي ڪرسي يعني سيڪريٽري صحت جي چارج سنڀاليائون. عالماڻي صاحب جون انتظامي صلاحيتون سڄي سنڌ ۾ ايتريون ئي مشهور آهن جيتري سندن ڊاڪٽري جي واکاڻ..

سندن اولاد ۾ هڪ پٽ ۽ هڪ نياڻي شامل آهن جيڪي اجا اسڪول جي تعليم وٺي رهيا آهن، جڏهن ته سندن والد حاجي احمد عالماڻي تعليم کاتي ۾ استاد هئو.





**ڊاڪٽر ثناء الله: سائين توهان سڄي حياتي مختلف عهدن تي ڪم ڪيو آهي. استاد به رهيا آهيو ته شاگرد به رهيا آهيو. فوج ۾ به رهيا ته سول سروسز ۾ به. اڄ جڏهن توهان سيڪريٽري هيلٿ جي عهدي تي آهيو ته اڄ واري پوزيشن ۽ پنهنجي پوئين پوزيشن جنهن ۾ توهان ٻين سيڪريٽرين جي ماتحت هئا. ان ۾ ڪهڙو فرق محسوس ڪري رهيا آهيو؟**

پروفيسر عالماڻي: مان پنهنجي سڄي عملي زندگي ڊاڪٽر جي حيثيت سان گذاري آهي ۽ ڊاڪٽر ڪڏهن به ماتحت نه هوندو آهي هن وٽ پنهنجي ڄاڻ هجي ٿي پنهنجي پريڪٽس هجي ٿي ۽ پنهنجي سوچ هجي ٿي، هو پنهنجي هر عمل ۾ پنهنجا فيصلا پاڻ ڪندو آهي ان لاءِ ڊاڪٽر جي ماتحت هئڻ جو ڪوئي جواز ئي نٿو رهي. فئملي فزيشن کان وٺي ڪنسلٽنٽ تائين هر ڊاڪٽر جو اهو مقصد هئڻ گهرجي ته مريض کي مرض مان ڇوٽڪارو ملي اهو ڊاڪٽر جو بنيادي مقصد آهي، نه ڪي پئسو ڪمائڻ - ڊاڪٽر کي ائين ڪم ڪرڻ گهرجي جو ڏينهن جي آخر ۾ ضمير ايترو مطمئن هجي ته ڊاڪٽر ڪنهن نه ڪنهن لاءِ ڪجهه ڪيو آهي. ٻيو ته مان ڊاڪٽر هئڻ سان گڏوگڏ استاد به آهيان اڌ عمر پڙهايو اٿم ۽ جڏهن اهي شاگرد جن کي پڙهائڻ ۽ سيکارڻ تي مون محنت ڪئي آهي، جنهن مهل منهنجي عزت ڪندا آهن ته فخر محسوس ڪندو آهيان- باقي منهنجو انتظاميه سان واسطو. 1979 کان پوءِ شروع ٿيو آهي پر تنهن کان پوءِ به مون پنهنجي پريڪٽس ۽ وارڊ جو رائونڊ وغيره چالو رکيو آهي. اڄ به جيڪڏهن مونکان منهنجي مرضي پڇي وڃي، ته ايمانداري سان چوان ٿو ته مان پروفيسر ٿي ڪم ڪرڻ وڌيڪ پسند ڪندس. ڇو ته هن ڪرسي تي ويهي ڪري سڀ سياسي طرح ڪيل فيصلا ئي هلائڻا پون ٿا ۽ پنهنجو ڪوبه ڪنٽريبيوشن ڪونه ٿو رهي.



اسان جي مڙني اسپتالن جي حالت اها آهي جو مريض کي اها پڪ ڪانهي ته هو جيڪڏهن سرڪاري اسپتال ۾ ويندو ته اتي سندس علاج به ٿيندو.

**ڊاڪٽر ثناء الله: ان جو ڪهڙو سبب آهي جو اڪثر**

**مريضن جو سرڪاري اسپتالن تي ڀروسو گهٽ هوندو آهي؟**

پروفيسر عالماڻي: جڏهن کان ڊاڪٽرن جي گهٽائي ٿي آهي ته جوابداري جو احساس ڪنهن کي به نه رهيو آهي. سال 1951 ۾ اسان لياقت ميڊيڪل ڪاليج جي پهرين بئچ ۾ 70 شاگرد داخل ٿيا هئاسون جن مان سال 1956ع ۾ اسان چار ڄڻا پاس ڪري نڪتا هئاسون. تنهن وقت ڪاپي ۽ سفارش جو تصور ئي ڪونه هوندو هو. اسان ڀاري غريب گهراڻي جا ماڻهو جڏهن ٽيڪنيڪل لائين ۾ ايندا هئا ته سندن مقصد صرف ۽ صرف محنت ڪري اڳتي وڌڻ هوندو هو توهان اسان جا پراڻا ڊاڪٽر ڏسو ڊاڪٽر صالح ميمڻ آهي، ڊاڪٽر ابراهيم ميمڻ آهي يا ٻيا ڪيترا پراڻا سنڌي ڊاڪٽر آهن ڪنهن به اڃا تائين وڏو نرسنگ هوم يا اسپتال ڪونه ٺاهي آهي. مون پاڻ سڄي عمر محنت ڪئي آهي پر ڪڏهن اهڙي ڳالهه لاءِ سوچيو به ڪونه آهي. اڄ جيڪو به ڊاڪٽر ڊاڪٽري پاس ڪري نڪري ٿو ته ان جي پهرين سوچ اها آهي ته هڪ وڏي اسپتال ٺاهيان ۽ خوب ڪمايان- مون کي پنهنجا استاد به چڱي طرح ياد آهن ته انهن منجهان به اڄ ڏينهن تائين ڪنهن کي نرسنگ هوم ڪونهي. اڳ اها سوچ هوندي هئي ته صبح جو ڀرپور نموني اسپتال ۾ ڪم ڪرڻو آهي ۽ شام جو وڌ ۾ وڌ ڪنسلٽيشن ڪرڻي آهي پر هاڻي هر ڪنهن کي پنهنجي ڀرپور اسپتال کپي. اڳ اهو هوندو هئو ته مريض اگر اسپتال ۾ آيو ۽ دوا نه هوندي هئي ته به ڊاڪٽر پنهنجي اها ذميواري سمجهندو هئو ته مريض کي دوا ڏيڻي آهي پوءِ ڇو نه کيس چندو ڪرڻو پوي. پر هاڻي ڊاڪٽر جي سوچ آهي ته مريض کي دوا ملي يا نه ملي اها ڊاڪٽر جي ذميواري ڪونهي. هاڻي ته هر مريض کان 2 روپيه پرچي جا 5 روپيه بستري جا به ورتا وڃن ٿا جنهن جي موٽ ۾ مريض کي سواءِ بستري جي ۽ ڊاڪٽر جي نسخي جي ٻيو ڪجهه به نه ٿو ملي پر ڪن وارڊن ۾ ته ڪنسلٽنٽ به مريض کي ڪونه ٿا ڏسن ته پوءِ ماڻهن کي ڪهڙي مجبوري آهي جو هو سرڪاري اسپتالن ۾ وڃن. عام ڊاڪٽر يعني فئملي فزيشن ته هنن کي پنهنجي محلي ۾ سستو ٿو پوي.



**ڊاڪٽر ثناء الله: سائين دوائن جي مسئلي تي ڪجهه ڳالهه ٻولهه ٿي وڃي.**

پروفيسر عالماڻي: اسان جي سڄي سنڌ جي دوائن جي بجيٽ 8 ڪروڙ آهي جنهن مان 5 ڪروڙ ته وڃي ٿي ٽيچنگ اسپتالن ۾ باقي سڄي سنڌ لاءِ وڃي بچن ٿا 3 ڪروڙ. (عالماڻي صاحب مٿي تي هٿ رکي چيو ته اتي مان ڪٿان پورت ڪريان) ٿر جو مثال کڻي وٺو اتي جڏهن نانگ ٿا ڏنگن ته اسان نانگ جي زهر کان ڇوٽڪارو ڏياريندڙ دوا (A.S.V) ڪونه ٿا پهچائي سگهون ڇو ته نيشنل هيلٿ لئبارٽري وارا اسان کي سپلاءِ ڪونه ٿا ڪري سگهن ۽ امپورٽ فنڊ جي ڪمي سبب اسان ڪونه ٿا ڪري سگهون.



**ڊاڪٽر ثناء الله: جڏهن نيشنل هيلٿ لئبارٽري جوڙي ٿي ان ڪم**

ڊاڪٽر ڪري نه - هڪ وارڊ ۾ جيڪڏهن 30 هائوس ڊاڪٽر هوندا ته ان مان مشڪل سان 5 ڪم ڪندا ۽ باقي 25 ڇٽا مفت جي پگهار پيا کڻندا ۽ انڪانسواءِ ان عرصي دوران پيا سي. ايس. ايس (C.S.S) جي امتحانن جي تياري ڪندا توهان ڏسو ته سرڪار جو اهو ڪهڙو ڪاتو آهي جتي سي ايس. ايس ڊاڪٽر نه آهن پوليس ڏسو، روينيو ڏسو، انڪم ٽئڪس ڏسو. هاڻي اگر انهن کي اتي آفيسر ٽيٽو ٿي هئو ته ڊاڪٽري جي سيٽ جو خراب ڪيائون ۽ سرڪار جو هيترو سارو خرچ جيڪو ڊاڪٽر تي اچي ٿو، سو به چٽ ٿي ويو.

**ڊاڪٽر زمان شيخ: سائين اسان جي ملڪ ۾ جيتريون به خانگي ڪمپنيون يا نيم سرڪاري ادارا آهن انهن سڀني ملازمن لاءِ مفت طبي سهولتون ميسر آهن پر سنڌ سرڪار ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن خاص ڪري ڊاڪٽرن لاءِ سرڪاري طرح ڪابه طبي سهولت موجود ڪونهي انهن لاءِ توهان جو ڇا خيال آهي.**

پروفيسر عالماڻي: اهڙي ڪابه ڳالهه ڪانهي- سرڪار جو هر گزيٽيڊ آفيسر جيڪو 16 گريڊ ۽ ان کان مٿي آهي سو قانون مطابق پنهنجي ميڊيڪل جا بل وٺي سگهي ٿو. اسان ته ڪيترا آغا خان اسپتال جا به اهڙا بل ڀري ڏنا آهن. باقي ويچارا غريب جيڪي گريڊ هڪ کان پندرهن تائين آهن اهي ڪونه ٿا وٺي سگهن ۽ انهن کي ماهانو الائونس ڏني ٿا ڇڏيون. ها باقي سرڪار جون ڪاغذي ڪارروايون ۽ فنانس ڪاتي وارن جا چڪر ڪجهه ڏيگهه ضرور وٺندا آهن. باقي جيتري قدر سول اسپتال جي پرائيويٽ وارڊن جو سوال آهي ته اها هونئن به اسان جي ڪن اسيمبلي ميمبرن جا چوڪرا يا سياسي تنظيمن سان لاڳاپيل ماڻهو پنهنجي قبضي ۾ ڪري الٽا سڌا ڪم وٺنا ڪندا هئا جنهن ڪري اهي هلي نه سگهيا ۽ ختم ڪيا ويا.

**ڊاڪٽر ثناء الله: اسان جي سرڪاري اسپتالن ۾ ڪم ڪندڙ ڊاڪٽر مريضن تي صحيح توجه ڪونه ٿا ڏين. خاص ڪري ايمرجنسي ۾ا ڪجهه ڏينهن اڳ جي ڳالهه آهي هڪ مٿي جي ڌڪ (Head Injury) جو مريض سول اسپتال ڪراچي جي ايمرجنسي ۾ ويو جتي سنڌس نڪ مان ظاهري طور خون اچي رهيو هو. ڊاڪٽرن ان جي مٿي جو ايڪسري ڪري کيس واپس ڪري ڇڏيو حالانڪه ان کي طبي نظرداري ۾ رکڻ گهربو هو ۽ اهو مريض ان ئي رات پنهنجي گهر ۾ مري ويو، ته ان سڄي صورتحال جو ذميوار ڪير آهي.**

> اسان جي سنڌ ۾ 12 ضلعي اسپتالون آهن، 43 تعلقي اسپتالون آهن 79 رورل هيلٿ سينٽر آهن

عالماڻي صاحب: ڪاغذي ڪاروائي مطابق اسان وٽ ڪيوئلٽي ۾ ميڊيڪل آفيسر کان سواءِ اسپيشلسٽ به آن ڊيوٽي هوندا آهن، فزيشن الڳ، سرجن الڳ، آرٿو پيڊڪ سرجن، بيهوشي جو ماهر انهن سڀني جو ڊيلي آرڊر نڪرندو آهي ۽ ڪاغذي ڪارروائي ۾ اهو سڄو عملو ڪيوئلٽي ۾ حاضر هوندو آهي باقي عملي طرح ڪير نظر نه اچي ته مريضن جو اهوئي حال ٿيندو. مون اڳ ۾ به اهو عرض ڪيو ته اسان وٽ لاپرواهي ڏاڍي آهي ڪوبه جوابداري محسوس ڪونه ٿو ڪري ۽ نتيجي ۾ اهي سڀ معاملا سامهون اچن ٿا. ڪيوئلٽي ۾ موجود ميڊيڪل آفيسر جڏهن ڪا گهرج محسوس ڪري ته ڪنهن به ڪنسلٽنٽ کي ايمبولينس موڪلي گهرائي سگهي ٿو. ان کان سواءِ چيف ڪيوئلٽي ميڊيڪل آفيسر 19 گريڊ جو آهي ۽ هر ڪيوئلٽي ميڊيڪل آفيسر 18 گريڊ جو آهي، هاڻي انهن کي به اگر ڪم ۾ دلچسپي هجي ته گهڻو ڪجهه ٿي سگهي ٿو.

سڄي سول اسپتال ۽ ڊي. ايم. سي ڪراچي جو عملو جيڪڏهن ڳڻيون ته اتي بيسڪ سبجيڪٽس کي الڳ ڪري ڏسون ته ڪلينيڪل سائيڊ تي 39 پروفيسر، 49 ايسوسيئيٽ پروفيسر، انهن مان 36 ڪلينيڪل آهن ۽ 63 اسسٽنٽ پروفيسر جن مان 45 ڪلينيڪل سائيڊ جا آهن، 38 سينئر رجسٽرار، 500 ريزيڊنٽ ميڊيڪل آفيسر، گريڊ 19 جا ٻيا 18 ڊاڪٽر، 12 ائڊيشنل ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ، 280 رجسٽرار ۽ 600 هائوس آفيسر. جڏهن ته سول اسپتال ڪراچي ۾ ڪل بسترن جو تعداد آهي 1200 هاڻي ٻڌايو ته جنهن اسپتال ۾ 1200 مريضن جا بسترا ۽ ڊاڪٽر وڃي لڳ ڀڳ ٿيا 1700. يعني هڪ ڊاڪٽر کي سنڀال لاءِ مريض هڪ کان به گهٽ حصي ۾ ٿو اچي ۽ اهي انهن جي به سار سنڀال نه ڪري سگهن ته پوءِ اسان ڪاڏي وڃون. دوائن جي سڄي سنڌ لاءِ مقرر ڪيل 8 ڪروڙن جي بجيٽ مان سول اسپتال ڪراچي جي 3 ڪروڙ بجيٽ آهي جنهن مان 80 لک روپين جون دوائون ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ايمرجنسي لاءِ خريد ڪري سگهي ٿو ۽ باقي سڄي سنڌ لاءِ بچن ٿا 5 ڪروڙ روپيا. هاڻي انهي جي باوجود سول اسپتال جو انتظام صحيح نه هلي هتي ڪو ڪمال اتاترڪ اچي ڪم هلائي باقي ٻئي ڪنهن هٽ وس ڪجهه ڪونهي. هاڻي ٻهراڙي جا انگ اکر توهان کي ٻڌايان ته

> **سنڌ جي اندرين علائقن ۾ ڪٿي به ائڊس لاءِ خون جي ٽيسٽ ڪونه ٿي ڪئي وڃي**

ويم دوران (Eclampsia) (بلڊپريشر وڌي وڃڻ) عام آهي جيڪو موت جو تمام وڏو سبب بڻجي ٿو. اسان جي رڪارڊ موجب 17000 ٽرينڊ برٿ اٽينڊس موجود آهن پر ڳولهيندا تہ هزار بہ نظر اينديي. پڇون ٿا تہ اهي ڪٿي آهن تہ جواب ملي ٿو خبر ڪونهي.

**ڊاڪٽر ثناءُ الله، سائين وڌيل بلڊپريشر جا ڪي خاص ڪارڻ ٻڌايو.**

ڪنهن زماني ۾ اسان وٽ گرمين ۾ سن اسٽروڪ (ڏينهن لڳڻ) ڏاڍو هوندو هو جيڪو ٻئريجن جي لهڻ کان پوءِ گهٽيو آهي. سياري ۾ وري اٺ جا چڪ - نمونيا ۽ مئنجائيٽس عام هوندا هئا. اونهاري ۾ ناگ جا ڏنگيلن سان اسپتالن جا وارڊ ڀريا پيا هوندا هئا. اڄڪلهہ وري ماحول جي آلودگيءَ سبب برانڪائٽس ڪارپلمونيل ۽ سهڪو عام آهي. جڏهن اسان

اڳي عورتن ۾ 45 سالن جي لڳ ڀڳ سنڌ پڻو (Menopause) شروع ٿي ويندو هو پر هاڻي اهو وڌي ڪري 50 سالن تائين پهچي ويو آهي.

**ڊاڪٽر زمان شيخ: سائين توهان مٿي ذڪر ڪيل ڪيسن کان علاوه الڊوڪرائين غدودن جا ٻيا ڪهڙا ڪيس ڏسو پيا.**

پروفيسر عالماڻي صاحب: ٿائيرائيڊ تہ عام

چانهہ جا ٻيا فائدا يا نقصان تہ ڇڏيو پر چانهہ ۾ ملاوت بابت توهان کي خبر ڪونہ آهي ڇا- جيڪو چانهہ جي رنگ وڌائڻ لاءِ ان جي پتي ۾ مينهن يا ڍڳي جو ڇيڻو ملايو وڃي ٿو- خاص ڪري چورو چانهہ ۾. جيڪا بليندبڊ هوندي آهي. ان شي کي ڪي ايم سي جي فوڊ ليبارٽري ۾ ثابت ڪيو ويو آهي. اها ايڇ اي جي ابراهيم ڪيميڪل ليبارٽري جنهن جو انچارج ڊاڪٽر عطاءَ الرحمٰن آهي ۽ سڄي ملڪ جي ناميار ي ڪيميڪل ليبارٽري آهي ان ۾ بہ ثابت ٿي چڪي آهي. ملاوٽ جي ٻي حد اها آهي تہ ڪلئفوران انجيڪشن سان نواب شاهہ ۾ ماڻهو مري ويا جڏهن جانچ ڪئي وئي تہ خبر پئي تہ اهي انجيڪشن ڪلئفوران ناهيندڙ هوئيسٽ ڪمپني جون هيون ئي ڪونہ- اهڙي قسم جون دوائون اسان وٽ ڪيچي گلي مان نقلي ٺهيل ملن ٿيون جن جو رنگ، پئڪنگ ۽ هر شي هوبهو اصل جهڙي آهي ۽ باقاعدگي سان سيل ٿيل آهن، انهن کي سڃاڻڻ بہ چڱي ڀلي جي وس ۾ نہ آهي

پروفيسر عالماڻي صاحب: پراڻي وقت کان وٺي اسان وٽ ٻار ڪي ڄمندي ئي بلڊپريشر جي مريض بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي جيڪا اڄ بہ ڳوٺن ۾ گهڻي ڀاڱي رائج آهي. اها آهي ٻار کي ڏکي ڪارائڻ جي عادت يعني سنڌس خون ۾ Lipid جزا وڌائڻ پيو اڳئين زماني ۾ اسان وٽ سٺي ۾ سٺو ڪاڌو هوندو هو مکڻ ماني جيڪو هاڻي تہ گهٽجي ويو آهي. پر اڄا تائين گيهہ وارا کاڌا ڪم جي گهٽتائي ورزش جو نہ هئڻ ۽ ماحول جي ڇڪتاڻ هاءِ بلڊپريشر جا اهم سبب آهن.

M.R.C.P. پئي ڪئي تڏهن اهي انگلينڊ جون بيماريون سمجهيون وينديون هيون ۽ سنڌ ۾ ورلي نظر اينديون هيون. پراڻي زماني ۾ ٻهراڙين ۾ حقو پئدا هئا جنهن جي جڳهہ اڄڪلهہ سگريٽ ورتي آهي جيڪو سگريٽ کان ڪجهہ بهتر هيو آفيم ۽ ٻين نشي وارين شين جو استعمال بہ اسان جي ماحول ۾ وڌي ويو آهي ورزش جي گهٽتائي سبب بہ اسان وٽ ذيابيطس وڌندي پئي وڃي. مردن ۾ عورتن جي پيٽ ۾ نامردگي وڌيڪ آهي عورتن جا قد مردن جي پيٽ ۾ ننڍا ٿيندا ٿا وڃن.

آهي ان ڪانسواءِ ايڊيسينس، عورتن ۾ هائپوپٽيوٽر يزم - منگولزم - ۽ ڪروموزومس جون ٻيون بيماريون ۽ اينڊرينل گليندس جا ٻيا ڪرائسز ڏسڻ ۾ ايندا آهن.

**ڊاڪٽر زمان - سائين دنيا جي ٻين ملڪن ۾ هر هنڌ ۽ اسان وٽ پڻ پنجاب ۾ الڊوڪرائين ۽ ذيابيطس سينٽر ڪم ڪري رهيا آهن اسان وٽ سنڌ ۾ اڃا تائين ڪوبہ آفيشل الڊوڪرائين ۽ ذيابيطس سينٽر ڇو نہ آهي.**

# ڊاڪٽر جي ساليانيءَ ڳجهي رپورٽ A.C.R. سنڌس علائقي جي مريضن کان وٺڻ گهرجي

پروفيسر عالماڻي صاحب: سائين مون پروفيسر احمد علي شاهه کي چيو ته توهان نيورو انسٽيٽيوٽ ٺاهيو پر سائين جي دلچسپي ٻين ڪمن ۾ وڌيڪ هئي هاڻي ڪير به دلچسپي وٺي ته اهڙا مرڪز قائم ٿي سگهن ٿا.

**ڊاڪٽر زمان: سائين اڄڪلهه سڄي دنيا ۾ مرضن جا الڳ اڪر ورتا وڃن ٿا ته دنيا جي ڪهڙي ڪنڊ ۾ ڪهڙي بيماري آهي پر اسان وٽ اهڙو ڪوبه طريقو رائج ڪونهي ان بابت توهان جو ڇا خيال آهي؟**

پروفيسر عالماڻي صاحب: سائين توهان مون کي ڪوبه اهڙو ماڻهو ٻڌايو جنهن کي مان ايپيڊيميالاجي ۾ وڌيڪ ڪجهه ڪرڻ لاءِ موڪليان ۽ اهو موٽي اچي ڪم ڪري. ان ۾ تمام وڏي تربيت جي ضرورت پوي ٿي ۽ اهو ڪنهن هڪ ماڻهو جو ڪم نه آهي. پرٽيم ورڪ آهي. اسان وٽ هر فيصلو سياسي طرح ٿئي ٿو ۽ نه ڪي جائزي جي بنياد تي بدين جي هڪڙي ديهه ۾ ٽي بيسڪ هيلٿ يونٽ ٺاهيا ويا آهن ۽ ٽي ديهون اهڙيون آهن جتي ڪوبه هيلٿ يونٽ ڪونهي. هتي ته اسڪولن ۾ وڏيرن جون اوطاقون لڳيون پيون آهن هاڻي توهان ٻڌايو ته اتي ايپيڊيميالاجي ڪيتري قدر با اثر رهندي. سول اسپتال ڪراچي جو مثال وٺو خميس جي ڏينهن واري ميٽنگ ۾ ڪيترا پروفيسر ۽ ڊاڪٽر اچن ٿا- ڪا ڪلينيڪل ڪانفرنس ٿئي ٿي ته انهي ۾ ڊاڪٽرن جي ڪيتري دلچسپي هجي ٿي، اهڙي ماحول ۾ ڪير ڇا ٿو ڪري سگهي ڊاڪٽر جيستائين پنهنجي تعليم مسلسل نه رکندو ته ڇا اهو نون مرضن جي تشخيص ۽ علاج ۾ ڪو ڪردار ادا ڪري سگهندو. اسان وٽ بس ڊگري وٺڻ ڪانپوءِ هرڪو ايئن پيو سمجهي ته رڳو پئسو ڪمائڻو آهي. مان عراق ۾ ڪم ڪري آيو آهيان اتي استاد جو A.C.R. شاگردن کان پرائيندا هئا انهن کان چار سوال پڇيا ويندا هئا.

1- ڇا استاد باقاعدگيءَ سان پڙهائڻ ايندو رهيو آهي.

2- ڇا هن پڙهائڻ ۾ باقاعدي دلچسپي ورتي آهي.

3- ڇا هن جي پڙهائي توهان چڱيءَ طرح سمجهي آهي.

4- ڇا سنڌس ڄاڻ بهتر هئي.

جيڪڏهن اتان جي شاگردن انڪاري جواب لکيا ته ملازمت جو مدو ختم سمجهيو ويندو هو سو منهنجي رٿ اها آهي ته ڊاڪٽر جي ساليانيءَ ڳجهي رپورٽ A.C.R. سنڌس علائقي جي مريضن کان وٺڻ گهرجي.

**ڊاڪٽر ثناءُ الله: سائين توهان آفيم، حقو يا ٻين اهڙين غذائن جو ڪو ذڪر ڪيو جيڪي صحت لاءِ فائديمند يا نقصانڪار هونديون آهن- چانهه جيڪا اسان جي معاشري ۾ تمام گهڻي استعمال ڪئي پئي وڃي ان بابت توهان جو ڇا خيال آهي.**

ڊاڪٽر عالماڻي صاحب: چانهه جا ٻيا فائدا يا نقصان ته ڇڏيو پر چانهه ۾ ملاوٽ بابت توهان کي خبر ڪونه آهي ڇا- جيڪو چانهه جي رنگ وڌائڻ لاءِ ان جي پتي ۾ ميٺهن يا ڊڳي جو ڇيڻو ملايو وڃي ٿو- خاص ڪري ڇورو چانهه ۾. جيڪا بلينڊيڊ هوندي آهي. ان شي کي ڪي ايم سي جي فوڊ ليبارٽري ۾ ثابت ڪيو ويو آهي. اها ايڇ اي جي ابراهيم ڪيميڪل ليبارٽري جنهن جو انچارج ڊاڪٽر عطاءُ الرحمان آهي ۽ سڄي ملڪ جي ناميارى ڪيميڪل ليبارٽري آهي ان ۾ به ثابت ٿي چڪي آهي. ملاوٽ جي ٻي حد اها آهي ته ڪليفوران انجيڪشن سان نواب شاهه ۾ ماڻهو مري ويا جڏهن چانچ ڪئي وئي ته خبر پئي ته اهي انجيڪشن ڪليفوران ٺاهيندڙ هوئيسٽ ڪمپني جون هيون ئي ڪونه- اهڙي قسم جون دوائون اسان وٽ ڪچي گليءَ مان نقلي ٺهيل ملن ٿيون جن جو رنگ، پيڪنگ ۽ هر شي هوبهو اصل جهڙي آهي ۽ باقاعدگي سان سيل ٿيل آهن، انهن کي سڃاڻڻ به چڱي ڀلي جي وس ۾ نه آهي. ڪن دوائن کي وري انڊيا جو ليبل لڳائي وڪيو ٿو وڃي ڪهڙي خبر ته اهي به انڊيا جون آهن يا هتي ٺهن پيون. پر انڊيا جون دوائون اسان جي مارڪيٽ ۾ وڪامن ٿيون.

انهن لاءِ ڪو قانون ئي نه آهي ان ڪانسواءِ خود اسان وٽ دوائون ٺاهيندڙ ملٽي نيشنل ڪمپنيون پنهنجو سڄو رُءُ ميٽل ايسٽ يورپ مان تمام سستو وٺي پنهنجي پئرينٽ ڪمپنين کي موڪلن ٿيون ۽ انهن کان وري انهن جي مهانگي اگهه تي واپس پاڪستان ۾ گهرائين ٿيون جيڪو هڪ سئو پيرا اصلي قيمت کان وڌيڪ آهي ۽ پوءِ اسان جي مارڪيٽ وري مهانگي کان مهانگي اگهه تي وڪڻن ٿيون.

**ڊاڪٽر زمان (آخري سوال) سائين ڊاڪٽرن جي موجوده معيار مان توهان مطمئن آهيو؟**

ڊاڪٽر عالماڻي صاحب: مون هڪ ڳالهه ڏٺي آهي ته اسان وٽان جيڪي به چڱا ڊاڪٽر نڪرن ٿا سي گهڻي ڀاڱي ٻاهر وڃڻ جي چڪر ۾ لڳا پيا آهن ملڪ اندر ڪم ڪرڻ جو ڪين ڪوبه جذبو نه آهي باقي جيڪي بچن ٿا انهن جو معيار اسان سڀ ڄاڻون ٿا- مان ته اهو چوندس ته پنجن سالن ڪانپوءِ هن ملڪ ۾ ماڻهو ڊاڪٽر ڳولهيندا وتندا ته ڪنهن کان علاج ڪرايون.

# پلئگ يا طاعون

## پلئگ بابت پهريون مڪمل تاريخي ۽ طبي مضمون

ڊاڪٽر ايم. زمان شيخ

**ابيانو** نالي نوجوان، ڊاڪٽر کي جهيٺي آواز سان چيو "سائين ٿي سگهي ٿو اهو پلئگ هجي. اسان وڏن کان اهي ئي نشانيون ٻڌيون آهن". ڊاڪٽر منهن گهنجائيندي چيو "مسٽر، پلئگ جو ته 30 سالن کان هندستان ۾ نالو نشان مٽجي ويو آهي. اهو پلئگ ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟". اها آگسٽ 1994ع جي پڇاڙي هئي، بهرحال هن مريض پنهنجي سِر ميڊيڪل اسٽور تان ٽيٽراسائڪلين جا ڪيپسول وٺي واپرايا ۽ "پنهنجو علاج" پاڻ ڪيائين. اهو ماڻهو بيڊ (Beed) ضلعي ۾ مشهور ٿي ويو ڇو ته هو ڀارت ۾ آيل تازي وبا "پلئگ" جو پهريون شڪار هو. ان ڪانپوءِ ان جي بيماري يعني گلٽي واري پلئگ (Bubonic Plague) جا 392 ڪيس رپورٽ ڪيا ويا. هي قصو آهي ماهلا نالي ننڍڙي ڳوٺ جو جيڪو هندستان جي الهندي رياست مهاراشٽر جي بيڊ ضلعي ۾ واقع آهي. هن ڳوٺ جي ڪل آبادي 350 آهي. هتان جي آسپاس واري علائقي ۾ سال اڳ آيل زلزلي ڪانپوءِ جنهن ۾ اٽڪل 10.000 کان وڌيڪ ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا هئا، ڪوئن جي تعداد ۾ بي انتها واڌارو نوٽ ڪيو ويو هو.

خوشنصيبيءَ سان انهن منجهان ڪنهن به مريض جي موت جي تصديق ڪانه ٿي. ان جو سبب شايد هي آهي ته مقامي عملدارن وڏي پيماني تي ٽيٽرا سائڪلين جا ڪيپسول ورهائي ڇڏيا هئا ۽ سموري علائقي تي جراثيم ڪش دوائن جو اسپري ڪيو ويو هو. ازانسواءِ تامل ناڊو کان "ايرولا" قبيلي جي 100 ماڻهن جون خدمتون پڻ حاصل ڪيون ويون جيڪي نه رڳو ڪوئن پڪڙڻ ۾ پر انهن کي ڪاٽڻ ۾ پڻ ڪافي مهارت رکندا هئا.

گجرات رياست جي الهندي صنعتي شهر سورت جي جڳ مشهور "گينش

> **سورت شهر ۾ هوندن به عام طور تي صفائي ۽ سترائي جو نظام انتهائي ناقص آهي. هن شهر جي طوائفن ۾ ايڊز (Aids) جي بيماريءَ جي شرح هندستان جي ٻين شهرن جي مقابلي ۾ سڀ کان وڌيڪ آهي**

ميلي" جي پٺين ڏينهن ڊاڪٽر پرديپ گپتا سول اسپتال جي ايمرجنسي شعبي ۾ 7 مريض داخل ڪيا. انهن سيني کي نمونيا هئي ۽ صبح جو ٽين بجي تائين انهن منجهان ٻه مريض اجل جو شڪار ٿي چڪا هئا ۽ ٻيا پڻ شديد بيمار هئا. ان ڪانپوءِ ته اهڙن مريض جي لائين لڳي وئي. ان مان هڪڙو بيڊ ضلعي مان آيل هو.

20 سيپٽمبر 1994ع تي 4 بجي شام جو اها لِڱ ڪانڊاريندڙ خبر ڦهلجي چڪي هئي ته سورت تي موت جي فرشتي پليگ جي شڪل ۾ حملو ڪري ڇڏيو آهي، ٻي ڏينهن تائين 17 ماڻهو موت جا شڪار ٿي چڪا هئا.

سورت جي سول اسپتال جي چيف پيٿالاجسٽ ڊاڪٽر خديجه سائسي جڏهن طبي ٽيسٽن ذريعي پهريون ڀيرو اها پڪ ڪئي ته هيءَ پلئگ جي بيماري آهي ته ڊپ وچان هو اسپتال مان فرار ٿي وئي. ان سان گڏ اسپتال جا 5 ٻيا ملازم پڻ ڀڄي ويا.

سورت ۾ ستن ڊاڪٽرن ۽ نرسن جي طاعون جو شڪار ٿيڻ ڪانپوءِ سرڪاري ۽ پرائيويٽ اسپتالن جا اٽڪل 51 ڊاڪٽر شهر ڇڏي ڀڄي ويا ۽ انهن سان گڏ نرسون ۽ طبي عملو پڻ هليو ويو. ماڻهن جي مشتعل هجومن اسپتالن ۽ ڪلينڪن تي حملا ڪيا. انهن ميڊيڪل اسٽورن تي لٽ مار ڪئي، جتي ضروري دوائن جي ذخيره اندوزي ڪرڻ ڪري اهي دوائون مهانگيون وڪامي رهيون هيون. جنهن ڪانپوءِ ڀارتي حڪومت هنگامي طور تي 5 ٽن ٽيٽراسائڪلين جا ڪيپسول گهرايا.

غرض ته ٽن چئن ڏينهن تائين سورت شهر ۾ افراتفريءَ جو عالم رهيو. پهرين ٽن ڏينهن ۾ 20 لکن جي آباديءَ واري شهر سورت مان ٽي لک ماڻهو ريلن، ٽرڪن ۽ ٻين سوارين ذريعي شهر مان نڪري ويا رستا جام ٿي ويا. ريلوي اسٽيشن تي هڪ سال جون ٽڪيٽون 5 ڏينهن ۾ ختم ٿي ويون.

سورت شهر ۾ حياتيءَ جا آثار ختم ٿيڻ لڳا. مصنوعي ريشم ۽ هيري جي صنعت کي ڪاپاري ڌڪ لڳو.

هن شهر ۾ هڪ مهينو اڳ ٻوڏ سبب اجا تائين اتي گندگيءَ جا ڍير لڳا پيا هئا. جانورن جا سڙيل ڳريل لاش اجا تائين پکڙيل پيا هئا. پاڻيءَ جي نيڪال جي ناقص نظام هن ڳتيل آباديءَ واري شهر کي وڌيڪ گندو ڪري ڇڏيو هو. ٻوڏ ڪانپوءِ ڪوئن جي تعداد ۾ غير معمولي واڌارو سورت ۾ پڻ ڏٺو ويو هو. سورت شهر ۾ هوندن به عام طور تي صفائي ۽ سترائي جو نظام انتهائي ناقص آهي. هن شهر جي طوائفن ۾

> **بمبئي جي هڪ ڳوٺ ۾ هڪ ماڻهوءَ، ان جي زال ۽ 7 سالن جي ڌيءَ کي طاعون جي مريض هجڻ جي شڪ ۾ ڪهاڙيءَ جا وار ڪري قتل ڪيو ويو**

سسلي جي پورٽ ميسينا (Messina) تي لنگر هنيو. ٻين کاڌ خوراڪ جي شين سان گڏ ان ۾ پليگ جي جراثيمن سان ڀريل جيئرا ڪوئا پڻ موجود هئا. اهي ڪوئا شهر جي اندر پهتا ۽ مرڻ کانپوءِ انهن جي مکين (Fleas) انسانن ۽ ٻين ڪوئن کي چڪ پائي پليگ کي طوفاني رفتار سان ڦهلائڻ شروع ڪيو. اهائي تاريخ ڪاري موت جي شروعات هئي. اهڙن ٻين جهازن ۾، جيڪي گهڻو ڪري اطالوي تجارتي سامونڊي جهاز هئا، جي بحر اسود جي ساحل تي واقع ڪريميا جي بندرگاه تي لنگر انداز هئا، يوڪرين جي اناج سان گڏ بيمار ڪوئا به پنهنجي مکين سميت داخل ٿي ويا. انهن نه صرف جهازن جي عملي کي بيماريءَ جو نشانو بنايو، پر اهي جهاز جتي جتي لنگر انداز ٿيندا ويا، اتي اتي اها وبا ڦهلائيندا ويا. مشرق وسطيٰ ۽ روس مان ٿيندي 1348ع ڌاري هي مرض الهندي

ان وقت اتي اها بلڪل نئين بيماري هئي. ان زماني ۾ علاج جا جيڪي مروج طريقا هئا، مثلاً رت ڪڍڻ (Venesection)، جونئرون هڻڻ، طبي غسل ۽ دست آور دوائن جو استعمال، اهي سڀ هن نئين بيماريءَ جي سامهون بي وس هئا

1918ع کان 1920ع تائين سموري سنڌ ۾ پليگ پکڙيل رهي. جنهن ۾ 25 هزار کان وڌيڪ ماڻهو فوت ٿيا

يورپ ۽ انگلستان پهچي ويو. ان وقت اتي اها بلڪل نئين بيماري هئي. ان زماني ۾ علاج جا جيڪي مروج طريقا هئا، مثلاً رت ڪڍڻ (Venesection)، جونئرون هڻڻ، طبي غسل ۽ دست آور دوائن جو استعمال، اهي سڀ هن نئين بيماريءَ جي سامهون بي وس هئا پر الٽو مريض جي موت ۾ واڌاري جو سبب بڻجي رهيا هئا. تنهن وقت پليگ جي سببن ۽ احتياطي اپاءُ وٺڻ جي ڪابه ڄاڻ ڪونه هئي.

موت جو سفر تيزيءَ سان جاري هو ۽ مرندڙن جي تعداد جو صحيح اندازو لڳائڻ محال هو. هڪ اندازي موجب، صرف برسٽل (Bristol) شهر ۾ آباديءَ جو ٽيون حصو ۽ لنڊن جي آباديءَ جو اڌ حصو پليگ وڪهي موت جو شڪار ٿيو. 1347ع کان 1351ع تائين يورپ جي آباديءَ جو ٽيون حصو پليگ جي نتيجي ۾ مري ويو. صرف انگلستان ۾ طاعون سان مرندڙن جو تعداد اٺ لک ٻڌايو وڃي ٿو. جڏهن ته پوري دنيا ۾ ساڍا ست ڪروڙ ماڻهو هن وبا جي پيٽ چڙهي ويا. هي دنيا جي ڪنهن به وبائي مرض ۾ مرندڙن جو هڪ رڪارڊ آهي، جنهن کي ڪابه بيماري اڃا تائين ٽوڙي نه سگهي آهي.

پورن پنجن سالن جي هن هلاڪت خيز دور کانپوءِ وبا جي شدت ۾ ڪجهه گهٽتائي آئي پر اڃا تائين ماڻهو پوريءَ طرح پاڻ کي سنڀالي ئي نه سگهيا ته 1360ع ۽ 1370ع جي ڏهاڪي ۾ طاعون وري حملو ڪيو. انهن ساندهه حملن سبب دنيا جي آبادي گهٽجي وئي.

افرادي قوت جي گهٽتائي جي ڪري فصلن جي پيداوار تي وڏو خراب اثر پيو ڇو ته ٻين ماڻهن سان گڏ فصل اُگائيندڙ ۽ غلو پهچائيندڙ سڀ تيزيءَ سان موت جو شڪار ٿي رهيا هئا. ذڪر جهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي هئي. ماڻهن طاعون کي خدا جو ڏمر ڄاتو. عيسائين يهودين تي الزام هنيا ته هنن کوهن ۾ زهر ڦٽو ڪيو آهي ۽ پليگ ان جو نتيجو آهي. ماڻهن جو هڪ فرقو فليجيلينٽس (Flagellants) نالي ظاهر ٿيو. جيڪو اڌ اگهاڙو ٿي گهٽين ۾ گهمي پاڻ کي زنجيرن سان پٽيندو هو ته ان عمل سان متان سندن گناه ڌوپي پون ۽ هو پليگ جو شڪار ٿيڻ کان بچي پون.

ماڻهن ۾ ايڏو ته خوف هو جو ڪين يقين ٿي ويو ته پليگ جي مريض ڏانهن نهارڻ سان ئي ڏسندڙ جو موت واقع ٿي ويندو. نتيجي طور والدين پنهنجي اولاد ۽ ياءُ ياءُ جي ويجهو ويهڻ گوارا نه ڪيو. ماڻهن ان مهل سوچيو ته هيءَ قيامت جي نشاني آهي دنيا هاڻي ڪونه بچندي. ان زماني ۾ ڪليسيا کي حڪومت کان وڌيڪ اختيارات هئا پر طاعون سندن اها حيثيت ختم ڪري ڇڏي. انهن جڏهن ڏٺو ته سندن دعائن جو ڪوبه اثر نه ٿو ٿئي، بلڪ پادري پاڻ به گنهگارن جيان بي وسيءَ سان موت جو شڪار ٿي رهيا آهن ته سندن مذهب سان عقيدو به ڏانوانڊول ٿيڻ لڳو.

انهيءَ زماني ۾ جهازن جو قرنطينه (Quarantine) ۽ مريض جي ڪپڙن ساڙڻ جو رواج شروع ٿيو، جنهن جا سٺا نتيجا نڪتا.

ان کانپوءِ ٽن صدين تائين هيڪڙ ٻيڪڙ ننڍڙيون وبائون ڦهلبيون رهيون. 1564ع ۾ مشهور انگريز شاعر شيڪسپيئر جي ڳوٺ کي هن وبا پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ورتو جنهن جي نتيجي ۾ ان جي آباديءَ جو ستون حصو موت جي منهن ۾ هليو ويو. 1665ع ۾ پليگ وري وڏي وبا جي روپ ۾ سموري يورپ ۾ ڦهلجي ويو پر ان کان پوءِ ان جو تقريباً خاتمو ٿي ويو. ان جا گهڻائي اسباب هئا، پر وڏو سبب (Hygiene) يعني صحت ۽ صفائي جي صورتحال بهتر ٿيڻ، ڍڪيل نالين ۽ بند گٽرن جو استعمال هو. جنهن جي ڪري ڪوئن جو تعداد گهٽجي ويو. لنڊن ۾

ماڻهن جو هڪ فرقو فليجيلينٽس (Flagellants) نالي ظاهر ٿيو. جيڪو اڌ اگهاڙو ٿي گهٽين ۾ گهمي پاڻ کي زنجيرن سان پٽيندو هو ته ان عمل سان متان سندن گناه ڌوپي پون ۽ هو پليگ جو شڪار ٿيڻ کان بچي پون.

طاعون 1666ع جي وڏي باهہ (Great Fire of London) کانپوءِ ختم ٿي ويو. ان جو سبب هي هو تہ تعمير ۾ ڪاٺ ۽ پراڻي سامان جي جاءِ تي جديد سامان استعمال ڪيو ويو، مثلاً پڪيون سرون، پٿر ۽ ٽائلز وغيره.

**1564ع ۾ مشهور انگريز شاعر شيڪسپيئر جي ڳوٺ ڪي هن وبا پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ورتو**

غرض تہ ٽي چار صديون سانده دنيا تي پليگ جو راڄ رهيو. ڪجهہ ماڻهن جي خيال ۾ اها بيماريءَ ئي روم جي مشهور سلطنت جي زوال جو باعث بڻي.

هندستان ۽ ڏاکڻون ايرندو ايشيا (South East Asia) پلئگ جي لاءِ ماضي ۾ (Endemic) علائقو رهيو آهي. 1815ع ۾ ٽن سالن جي شديد قحط کانپوءِ گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ ڪڇ جي علائقي ۾ هيءَ وبا ڦهلجي وئي. ٻي سال تائين ان سنڌ ۾ حيدرآباد تائين علائقي کي پنهنجي لپيٽ ۾ ورتو. ڏکڻ ايرندي ڀارت ۾ هيءَ احمد آباد ۽ ڍوليرا تائين پکڙجي وئي.

1820ع جي شروع ۾ هيءَ غائب ٿي وئي پر وري جولاءِ 1836ع ۾ هيءَ راڄپوتانا جي شهر پالي، اجمير ۽ ملهڙ واره ۾ هڪ ڀيرو وري پنهنجي پوري غيض ۽ غضب سان ظاهر ٿي. 1837ع جي گرمين ۾ هن دم توڙي ڇڏيو. ان کانپوءِ وري 1849ع کان 1852ع ۾ طاعون ڀارت جي ڏاکڻين حصن ۾ تباهي ڦهلائي. ڀارت ۾ هن عذاب کي مهامري ڪوٺيو ويو ۽ هن ۾ انسان ۽ ڪوئا ٻئي هڪ ئي وقت ڏڙا ڏڙ مري رهيا هئا. 1892ع ۾ ڀارت جي شهر بمبئيءَ ۾ طاعون جي وبا جي ڪري بيشمار موت ٿيا. 1894ع ۾ سنڌ ۾ پليگ سبب 5 هزارن کان وڌيڪ ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا. غرض تہ سڀ کان وڏي آخري وبا گذريل صدي جي شروع ۾ شروع ٿي، جيڪا موجوده صدي جي وچ ڌاري تائين هلي. ايشيا ۾ پليگ جو سڀ کان زور دار حملو هندستان، چين ۽ برما تي ٿيو. ڀارت ۾ 1896ع کان 1917ع جي وچ ڌاري طاعون کان مرندڙن جو تعداد "98 لک 41 هزار 96" (يعني هڪ ڪروڙ کان ڪجهہ ئي گهٽ هو.) 1907ع سڀ کان وڌيڪ خراب سال هو، جو تہ هڪ ئي سال اندر 13,15,892 ماڻهو گذاري ويا. ٻين لفظن ۾ هر هڪ هزار جي آباديءَ ۾ 5 کان وڌيڪ ماڻهو مري ويا.

1918ع کان 1920ع تائين سموري سنڌ ۾ پليگ پکڙيل رهي. جنهن ۾ 25 هزار کان وڌيڪ ماڻهو فوت ٿيا. ان سبب ڪري پاپوليشن سينس آرگنائيزيشن موجب 1911ع جي ڀيٽ ۾ 1921ع جي آدمشماري ۾ 7.06 - جي گهٽتائي ٿي. 1911ع ۾ سنڌ جي آدمشماري 37,37000 هئي، جڏهن تہ آبادي ۾ سالانہ واڌ جو تناسب 9,20,000 هو. 1921ع واري انگ اکر موجب اهو تعداد وڌڻ بجاءِ گهٽجي 34,73000 تائين ڪري پيو جنهن سبب آباديءَ ۾ واڌ جي شرح گهٽجي ڪاٿو 7 لک 40 هزار تي ويئي.

**1894ع ۾ سنڌ ۾ پليگ سبب 5 هزارن کان وڌيڪ ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا**

1904ع ۾ اتر ۽ اولهہ هندستان ۾ پليگ پکڙجي ويئي ۽ اٽڪل 10 لک ماڻهو مري ويا.

آهستہ آهستہ طاعون سبب موتن جي شرح ۾ گهٽتائي ايندي ويئي. 1923ع ۾ اڌائي لکن کان گهٽ هندستاني پلئگ جو شڪار ٿيا. 1942ع ۾ هي تعداد 10,577 هيو. 1947ع ۾ 745، 41، 1948ع ۾ 9,757 ۽ 1952ع ۾ 1700 ۽ 1953ع ۾ صرف 547 ڪيس ظاهر ٿيا.

آمريڪا ۾ 1919ع ۾ ڦقڙن واري پلئگ پکڙجي وئي جيستائين ان مرض کي شناخت ڪجي، 13 ماڻهو پلئگ جو شڪار ٿيا. جن مان 12 مريض مري ويا. انهن ۾ ٻہ ڊاڪٽر ۽ هڪ نرس شامل هئي. ان کانپوءِ ان بيماري کي (Case Isolation) ذريعي روڪيو ويو.

شايد سڀ کان تازي پلئگ جي اهم انگلينڊ جي يارڪشائر (Yorkshire) جي ڀهراڙيءَ ۾ هڪ ڳوٺ E.M ۾ پکڙي. اها 1922ع ۾ ٿي جنهن ۾ 10,000 ماڻهو مري ويا. ان بيماري کي ڦهلجڻ کان روڪڻ لاءِ سڄي علائقي کي بند ڪيو ويو ۽ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي ٻاهر وڃڻ جي موڪل نہ ڏني وئي. جڏهن تقريباً سڀ ماڻهو مري ويا تہ حڪام اندر داخل ٿيا ۽ سڄي ڳوٺ کي ساڙي ڇڏيائون، جيئن پلئگ جو مڪمل خاتمو ٿي وڃي.

1949ع ۽ 1959ع ۾ ڀارت ۾ 48000 ماڻهو ان وبا جي ڪري مئا. آخري دفعو 1959ع ۾ طاعون ۾ 300 ماڻهو متاثر ٿيا. ڀارتي حڪومت مطابق 1967ع کانپوءِ طاعون جو ڪوبہ ڪيس ڀارت ۾ (هاڻوڪي وبا کانسواءِ) رجسٽر نہ ٿيو.

1988ع کان 1991ع تائين سموري دنيا ۾ مليريا جي ڪري 2,15,55000 ٽي ٻيءِ جي ڪري 1,47,82881 - پيلي بخار (Yellow Fever) جي ڪري 15,723 ۽ طاعون جي ڪري 5351 موت ٿيا. اها صورتحال جديد اينٽي بائيوٽڪ دوائن جي مهرباني آهي.

عالمي اداره صحت (WHO) جي رپورٽ مطابق 1978ع کان 1993ع تائين دنيا ۾ طاعون جي ڪري مجموعي طور تي 1602 موت ٿيا آهن، جنهن منجهان گهڻا موت آفريڪہ، ڏاکڻين آمريڪہ ۽ ايشيا ۾ ٿيا ڪجهہ ملڪن ۾ 1978ع کان 1993ع تائين پلئگ جي شڪار ٿيل ماڻهن جا انگ اکر هيٺ ڏجن ٿا. (بريڪيٽ ۾ انهن

## مريضن ۾ چمڙيءَ تي رت جا ڪارا ڏٻا ظاهر ٿي پوندا آهن (جنهن جي ڪري هن مرض جو نالو ڪارو موت رکيو ويو آهي)

## ڳالهائڻ سان به جراثيم صحتمند ماڻهوءَ ڏانهن منتقل ٿي سگهن ٿا

ٿورڙي سوزش ٿئي ٿي ته به مريض پنهنجو روزمره جو ڪم جاري رکندو آهي.

**حمل ۾ پليگ:** ٿرت شناخت ۽ جلد علاج شروع ڪرڻ سان ماءُ ۽ ڳپيل ٻار ۾ تمام گهٽ مونجهارا ٿين ٿا. پرجي علاج نه ڪيو وڃي ته پوءِ اهو ڇڪِي (Abortion) يا ٻار جي موت جو باعث بڻجي ٿو.

**شناخت:**

هن مرض جي شناخت تمام سولي آهي. Bubo مان رطوبت سئي ذريعي

**جڏهن به حفظانِ صحت جي اصولن کي نظرانداز ڪبو آهي، اهڙي قسم جا مرض وڌندا ويندا آهن**

ڪڍي ان کي سنئون سڌو ليبارٽريءَ ۾ رنگجي. انهيءَ رطوبت، بلغم، ڦڦڙن جي ڳوٿرين جي پاڻي (Pleural Fluid) ۽ رت مان پليگ جا جراثيم اُگائي (Culture) به سگهجن ٿا. X - ray ۾ نمونيا ۽ ڦڦڙن جي ڳوٿرين ۾ پاڻي (Pleural Effu-sion) نظر اچي سگهي ٿو. بيماريءَ جي ٻي هفتي ۾ (Serological Test) به مدد ڏئي سگهي ٿي، پر پليگ جو علاج هڪ ايمرجنسي آهي. ان لاءِ ليبارٽري ۾ پڪ ڪرڻ وارين ٽيسٽن جو انتظار هرگز نه ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن بيماري جي علامتن مان پليگ جو شڪ هجي ته هڪدم دوائون شروع ڪري ڇڏجن.

جديد دوائن جي 10 ڏينهن سانده استعمال ڪانپوءِ گلٽيءَ وارو پليگ 100 فيصد ٺيڪ ٿيڻ جوڳو آهي. شرط اهو آهي ته علامتون شروع ٿيڻ جي چند ڪلاڪن جي اندر علاج شروع ڪري ڇڏجي. اهي دوائون يعني ٽيٽراسائڪلين (Tetra Cycline)، اسٽريپٽومائسن (Streptomycin)، ۽ ڪلورمفينيڪال (Chloramphenicol) وغيره تمام سستيون دوائون آهن ۽ هر هنڌ موجود آهن. انهن جديد اينٽي بائوٽڪ دوائن جي برڪت سان پليگ ۾ موت جي ڪل شرح جيڪا اڳ 40 کان 100 سيڪڙو هئي، هاڻ گهٽ ٿي 5 کان 10 سيڪڙي تائين بيٺي آهي. اها هڪ تعجب جي ڳالهه آهي ته ٿوري دوائون ڪارائجن يا نه. جيڪڏهن مريض هڪ هفتي تائين زنده رهيو ته هو اڪثر ڪري مڪمل صحتياب ٿي ويندو آهي.

مريضن کي بستري ۾ مڪمل آرام ڪرڻ گهرجي. بخار جي لاءِ عام پاڻيءَ جون پٽيون رکيون وڃن. گلٽين کي ٿڌي پاڻي جي ٿيلهين وسيلي ٿڌ پهچائي وڃي جيڪڏهن گلٽين ۾ پونءِ پئجي وڃي ته ان جي صفائي ۽ پونءِ

**اها هڪ تعجب جي ڳالهه آهي ته ٿوري دوائون ڪارائجن يا نه، جيڪڏهن مريض هڪ هفتي تائين زنده رهيو ته هو اڪثر ڪري مڪمل صحتياب ٿي ويندو آهي**

جو اخراج ضروري آهي. احتياط ڪرڻ گهرجي جو ته ان ۾ جراثيم ڀريل هوندا آهن. چيلهه جي سور جي لاءِ ٽاڪور ڪئي وڃي. مريض کي خوب پاڻي پياريو وڃي کير ۽ سوپ (شوروو) ڏنو وڃي. ARDS جي لاءِ مصنوعي تنفس (Artificial Venti-lation) جي ضرورت پئجي سگهي ٿي جيڪا سهولت صرف وڏين اسپتالن ۾ ئي ميسر ٿي سگهي ٿي.

**پليگ جو علاج هڪ ايمرجنسي آهي. ان لاءِ ليبارٽري ۾ پڪ ڪرڻ وارين ٽيسٽن جو انتظار هرگز نه ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن بيماري جي علامتن مان پليگ جو شڪ هجي ته هڪدم دوائون شروع ڪري ڇڏجن.**

**پليگ جي ڦهلاءَ ۾ مدد ڏيندڙ ڪوئن، ڪوئي جي مکين ۽ جراثيمن جي ڪنٽرول جا به طريقا آهن:-**

1- ڦهريون ۾ سڀ کان ضروري آهي صفائي ۽ حفظانِ صحت جا اصول.

2- جراثيم ڪش دوائون.

جڏهن به حفظانِ صحت جي اصولن کي نظرانداز ڪبو آهي، اهڙي قسم جا مرض وڌندا ويندا آهن. 15 ۽ 16 صديءَ ۾ لنڊن ۽ پيرس جي آبادي تيزيءَ سان وڌي رهي هئي ۽ صفائي جو به ڪو خاطر خواه انتظام ڪونه هو. ان سبب ڪري ئي اُن دور ۾ انتهائي گهڻيون تباه ڪاريون ٿيون.

هن مرض جي ڦهلجڻ ۾ غربت، ڳتيل آبادي، بي روشن دان ۽ بند گهر، گهميل فضا ۽ گندگي معاون آهي. اسان جي ملڪ ۾ مارچ جو مهينو پليگ کي پيڪڙڻ ۾ سازگار آهي. گرم خشڪ موسم وري پسوءَ جي لاءِ ناسازگار آهي.

انساني آباديءَ سان گڏ ڪوئا هميشه کان وٺي گڏ رهيا آهن. هي نهايت چالاڪ ۽ سخت جان جانور آهن هي صحرائن، جبلن ۽ دريائن کي پار ڪري سگهن ٿا. ڪوئا 60 سينٽيميٽر تائين ٽپو ڏئي سگهن ٿا ۽ ايترو ئي زمين جي اندر تائين وڃي سگهن ٿا. 7.5 سينٽيميٽر قطر جي ننڍڙن پائيپن مان ٽپي سگهن ٿا. ڏيڍ سينٽيميٽر واري ننڍڙي سوراخ مان سوڙها ٿي گذري سگهن ٿا.

بجلي جي تارن تي مزي سان سفر ڪري سگهن ٿا ۽ ڪاٺ کي ٽڪي سوراخن کي وڏو ڪري سگهن ٿا.

دنيا جي تقريباً هر شهر ۾ جيترا ماڻهو آهن، اوترائي ڪوئا آهن. ڀڀراڙيءَ ۾ اها نسبت 1: 3 آهي بمبئي ۾ وري اها نسبت 1 : 5 ڏٺي وئي آهي، يعني هر هڪ ماڻهوءَ لاءِ اتي 5 ڪوئا موجود آهن. گهر ۾ ڪوئن جي موجودگي جو اندازو انهن جي ٻرن، تازي، ٽڪيل يا ڪاٽل شين يا مٽيءَ تي سندن چُرپُر جي نشانين مان لڳايو ويندو آهي. جيڪڏهن ڪو هڪ زنده ڪوئو نظر اچي ته ان جو مطلب آهي ته آسپاس ۾ 20-15 ڪوئا ضرور موجود آهن.

**ڪوئا، زهر يا ڪوئا مار وسيلي مارڻ ڪانپوءِ ڪوئي جي مکين کي مارڻ انتهائي ضروري آهي. صرف ڪوئن مارڻ سان اهي ڪوئي مکيون مٿل ڪوئن کي ڇڏي انسانن يا گهريلو پالتو جانورن تي حملي آور ٿينديون. ان لاءِ ڪوئن کي مارڻ ڪانپوءِ يا ته انهن کي ساڙي ڇڏجي يا DDT جو اسپري ڪري ڇڏجي يا ڪوئن کي زمين ۾ گهرو پوري ڇڏجي يا وري انهن کي هڪدم گاسليٽ ۾ ٻوڙي ڇڏجي.**

**جيڪڏهن ڪو هڪ زنده ڪوئو نظر اچي ته ان جو مطلب آهي ته آسپاس ۾ 20-15 ڪوئا ضرور موجود آهن**

جيڪڏهن گهڻا مٿل ڪوئا هڪ ئي وقت ۾ نظر اچن ته ان جي معنيٰ اها آهي ته هاڻي پليگ ماڻهن ۾ پکڙجڻ وارو آهي ڇو ته ڪوئي جي مک يا پسوُ هاڻي مٿل ڪوئن کي ڇڏي انسانن تي حملو ڪرڻ وارا آهن ان صورت ۾ (۽ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ ۾ طاعون جون ابتدائي علامتون نظر اچن) ته هڪدم ويجهي صحت جي مرڪز (Health Centre) کي خبر ڏجي. ان طرح سان بيمار يا مٿل ڪوئن کي پاڻ هٿ نه لائجي پر هڪدم اختياري وارن سان رابطو قائم ڪجي.

طاعون کان بچاءَ لاءِ سڀ کان اول گهرن کي ۽ سمورين جاين کي ڪوئن کان پاڪ ڪرڻو پوندو. ڪوئن جي پسنديده جڳهن مثلاً مال گودامن، پراڻن گهرن ۽ گندگي جي ڍيرن ۾ انهن جي پلجڻ جي جاين کي ختم ڪرڻو پوندو. ڏيڍ سينٽيميٽر کان وڏيڪ سڀ سوراخ سيمينٽ سان بند ڪري ڇڏجن.

ڪوئا، زهر يا ڪوئا مار وسيلي مارڻ ڪانپوءِ ڪوئي جي مکين کي مارڻ انتهائي ضروري آهي. صرف ڪوئن مارڻ سان اهي ڪوئي مکيون مٿل ڪوئن کي ڇڏي انسانن يا گهريلو پالتو جانورن تي حملي آور ٿينديون. ان لاءِ ڪوئن کي مارڻ ڪانپوءِ يا ته انهن کي ساڙي ڇڏجي يا DDT جو اسپري ڪري ڇڏجي يا ڪوئن کي زمين ۾ گهرو پوري ڇڏجي يا وري انهن کي هڪدم گاسليٽ ۾ ٻوڙي ڇڏجي.

ڪتن ٻلين ۽ ٻين پالتو جانورن تي وقتن فوقتن جراثيم ڪش دوا هڻڻ گهرجي.

پليگ جي وبا ڦهلجڻ جي صورت ۾ پسن کي روڪڻ لازم آهي. ان لاءِ بهتر آهي ته در ۽ دريون بند رکجن، پر جيڪڏهن گرميءَ جي ڪري انهن کي کولڻو پوي ته انهن کي مضبوط تارن سان ڍڪي رکيو وڃي. هڪ سينٽيميٽر ۾ 6 تارون (يا هڪ انچ ۾ 16 تارون) استعمال ڪرڻ گهرجن. اهي لوهي تارون نه ملي سگهن ته پوءِ عام مڇر دانيون استعمال ڪرڻ گهرجن.

بين الاقوامي قاعدن قانونن موجب طاعون جي وبا ڦهلجڻ شرط واسطيدار حڪومت تي لازم آهي ته هوءَ عالمي اداره صحت ۽ اوڙي پاڙي وارن ملڪن کي آگاهه ڪري. انٽرنيشنل سينٽري ريگيوليشن ۾ انهن سمورن اپائن جو تفصيلي ذڪر موجود آهي، جنهن جي تحت طاعون زده علائقن مان هوائي ۽ سامونڊي جهازن ۽ زميني ٽرانسپورٽ تي ڪارروائي ڪئي ويندي آهي.

## طاعون کان بچاءَ لاءِ صحت جي عالمي اداري (WHO) جي ماهرن هيٺيان اُپاءَ وٺڻ لاءِ چيو آهي:-

مريضن کي علاج معالجي لاءِ پنهنجي گهر ۾ ئي رکڻ گهرجي بلا ضرورت هن کي ٻي جاءِ تي منتقل نه ڪجي. ائين ڪرڻ سان ان مرض جو ٻين علائقن ۾ پکڙجڻ جو خطرو رهي ٿو (جيئن تازو ڀارت ۾ ڏٺو ويو آهي).

**جيڪڏهن گهڻا مٿل ڪوئا هڪ ئي وقت ۾ نظر اچن ته ان جي معنيٰ اها آهي ته هاڻي پليگ ماڻهن ۾ پکڙجڻ وارو آهي ڇو ته ڪوئي جي مک يا پسوُ هاڻي مٿل ڪوئن کي ڇڏي انسانن تي حملو ڪرڻ وارا آهن**

## ان طرح سان بيمار يا مئل ڪوئن کي پاڻ هٿ نہ لائجي ۽ هڪدم اختياري وارن سان رابطو قائم ڪجي

• هوائي جهازن، ريل سروس ۽ ٻي ٽرانسپورٽ جي اچ وڃ متاثره علائقن مان هڪدم بند ڪئي وڃي. ساموندي جهازن جي مڪمل صفائي ڪرائي وڃي جيئن اڳ ۾ ذڪر آيل آهي تہ گريٽ بليڪ ڊيٿ يعني ماضي وارو ”ڪارو موت“ ساموندي جهازن وسيلي ئي دنيا ۾ پکڙيو هو. ان لاءِ طاعون زده علائقن مان ايندڙ ساموندي ۽ هوائي جهازن تي جراثيم ڪُش دوائن جو اسپري ڪيو وڃي.

• سمنڊ جي ڀر وارن علائقن جي مڪمل صفائي ڪئي وڃي.

• آفت زده علائقن مان ايندڙ مسافرن کي هڪ هفتي تائين قرنطينہ (Quarantine) ۾ رکيو وڃي. جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪيل آهي جيئن (Incubation Period) وارو وقفو گذري وڃي ۽ جيڪڏهن مرض اندر لڪيل هجي تہ نڪري نروار ٿي بيهي.

طبي ٽيمن ۽ ڪارڪنن کي آفت زده علائقن ۾ ڪم ڪرڻ دوران پليگ جي بچاءَ جون تدبيرون اختيار ڪرڻ گهرجن. حفاظتي ڪپڙن کان علاوه روزانہ ايستائين اينٽي بائوٽڪ دوائون وٺڻ گهرجن جيستائين هو ان علائقي ۾ ڪم ڪندا رهن ٿا. اها جاءِ ڇڏڻ ڪانپوءِ بہ 7 ڏينهن تائين دوا استعمال ڪندا رهن.

• جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن مريض سان تعلق ۾ اچي تہ ڪيس هڪدم 7 ڏينهن تائين احتياطي طور تي اينٽي بائوٽڪ دوائون وٺڻ گهرجن.

• گترن، گدامن، ڪاٺي جي ذخيرن، اسٽور گهرن تي جراثيم ڪش دوائن جو اسپري (ڇڙڪاءُ) يا (Fumigation) ڪرڻ گهرجي. ٻي مهاڀاري لڙائي دوران DDT جي ايجاد مان فائدو وٺندي آمريڪي فوجين پهريون ڀيرو اها جراثيم ڪش دوا ڊاڪار سينيگال ۾ 1944ع ۾ ڪاميابيءَ سان استعمال ڪئي. جتي پلنگ ڦهلجي رهيو هو.

• مريض جي بلغم ۽ ٿڪ مٿان چن، تيزاب يا 50 سيڪڙو ڪريسال (Cresol) يا 10 سيڪڙو DDT پائوڊر هارڻ گهرجي.

سندس ڪپڙن کي اس ۾ رکجي يا بهتر آهي تہ ساڙي ڇڏجي گهر ۾ پسن جي خاتمي لاءِ 10 سيڪڙو DDT پائوڊر استعمال ڪرڻ گهر جي ڪنڊن ڪڙڇن ۽ سوراخن ۾ وجهي ڇڏجي.

DDT جو اسپري سمورن ڪمرن ۾ ڪرڻ گهرجي. ڪجهن جاين جي ڇتين تي پڻ اسپري ڪجي.

• گند ڪچرو ڪليل جاءِ تي نہ ڦٽو ڪجي. ان کي يا تہ بند ڪوڙي دان ۾ وجهي يا وري ساڙي ڇڏجي.

• پليگ جي مريض لاءِ اسپتال يا گهر ۾ خاص ڪمرا تيار ڪيا وڃن، جتي مريض کي ڊاڪٽر ۽ علاج ڪندڙ ماڻهن ياتيمارداررن کانسواءِ ڪنهن بہ ٻي سان تمام گهٽي ضرورت کانسواءِ ملڻ نہ ڏنو وڃي. ان ڪمري ۽ ڀرواري ڪمري ۾ گهٽ ۾ گهٽ سامان ۽ فرنيچر هجي. گلم ۽ غاليچا نہ هجن. سامان ۽ ڊبا وغيره فرش جي سطح کان 30 سينٽي ميٽر مٿي هجن ۽ ڀتين کان پڻ اوتروئي فاصلو هجڻ گهرجي.

• مريض جي اڪيلائي (Isolation) تمام ضروري آهي.



مارسلس (Mrsilles) فرانس ۾ چارلس ڊلورم(Charles Delorme) جيڪو شاهہ لوئس (King Louis XIII) جو خصوصي طبيب هو. هن پهريون ڀيرو حفاظتي ڪپڙن جو تصور پيش ڪيو. جيئن علاج ڪندڙ ڊاڪٽرن کي پليگ جي خطرناڪ مرض کان بچائي سگهجي. طوطي جي چهنب جهڙي نقاب جي اندران خوشبوءِ وارا جزا اپريل هئا جيئن طبيب مرندڙ مريض جي ڌپ کان محفوظ رهي سگهي. هٿ ۾ وري هو هڪ لٺ پڪڙيندا هئا جيڪا نشاني طور انهن سموري طبي عملي کي رکڻي پوندي هئي جي پليگ جي مريضن سان لاڳاپي ۾ آيا هجن.

# وڏي ڄمار ۾ ٿولهه يا موٽاپي جو علاج

ڊاڪٽر جاويد قاضي ايم.بي، بي.ايس.
بوٽ بازار شڪارپور

ٿولهه ڪي ضابطي هيٺ آڻڻ لاءِ تعلق شروعاتي زندگي ۾ ٿي پيدا ڪرڻ گهرجي جيئن پوءِ وڌندڙ ٿولهه جي انديشي کي گهٽائي سگهجي، ٻُوڙها ڪارڻ ۽ سبب ٿي ان ڏکيائيءَ جا ذميوار آهن جيڪي ڊاڪٽرن کي ان جي علاج ۾ آڏو اچن ٿا. ٿولهه جي روڪ ٿام ئي ان جو عمدو علاج آهي.

شروعات ۾ اهڙن فردن جي سڄاڻپ مددگار ثابت ٿئي ٿي جيڪي اڳتي هلي جينياتي طرح سان (Genetically) وڌيڪ وزندار ٿي سگهن ٿا. ٿلهن فردن جي وزن گهٽائڻ لاءِ ڪيترائي ڪاڏن جا پروگرام تيار ڪيا ويا آهن جيئن ته وزن گهٽائڻ جو حتمي گول آهي ته وزن کي گهٽائجي ۽ ان گهٽيل وزن کي برقرار رکجي.

غذائي لحاظ کان متوازن ۽ گهٽ توانائي فراهم ڪندڙ ڪاڌو جيڪو مريضن جي رهڻي ڪَهڻيءَ سان مطابقت رکي، اهو ئي مناسب آهي. جسماني ڪم ڪار سان ٿيندڙ توانائي جو خرچ ۽ گهٽ توانائي جو واپرائڻ رواجي طرح سان ٿولهه جي علاج ۾ سٺا نتيجا برآمد ڪن ٿا. وڌ مدائتي وزن جي ڪنٽرول لاءِ ڪاڌيءَ ورزش ۾ وڏيون تبديليون ضروري آهن، رهڻي ڪَهڻيءَ ۾ تبديليون پڻ ان تي دارو مدار رکن ٿيون ۽ مددگار ثابت ٿين ٿيون.

هڪ اعليٰ قسم جو وزن گهٽائيندڙ پروگرام جيڪو مٿين ٽنهي نقطن سان لاڳاپيل آهي گهٽي ياڳي گهٽ مدائتي وزن جي ڪنٽرول لاءِ نتيجه خيز ثابت ٿئي ٿو. هي رپورٽ غذا، جسماني ڪم ڪار، اٿڻ ويهڻ ۾ تبديلين جي اهميت ٻڌائي ٿي جيڪي وڏن جي ٿولهه جي علاج ۾ هڪ رول ادا ڪن ٿيون، هن مضمون ۾ ٻک گهٽائيندڙ دوائن متعلق بحث نه ٿيل آهي. جيڪي دوائن جي زمري ۾ اچن ٿيون يا جراحي ذريعي وزن گهٽائڻ جو علاج ڪيو وڃي ٿو (جيڪڏهن گهربل وزن کان وڌيڪ يا ٻيڻو هجي).



موٽاپي يا ٿولهه جي وصف ائين بيان ڪجي ته ”بدن ۾ وڌيڪ چربي جو مقدار جمع ٿيڻ“. جسم ۾ چربي جي مقدار جي ماپ ڪرڻ لاءِ نفيس طريقه ڪار درڪار آهن جيڪي عام طور ميسر نه آهن (جيئن جسم جي گهاٽائي يا نهرائي، جسم جي ڪل چربي جو مقدار يا پاڻي جو مقدار، طبي لحاظ کان اهڙي ماپ طور جيڪا ڏيکه، وزن ۽ چمڙي جي ٿولهه تي مدار رکي ٿي، ان جي سفارش ڪئي وڃي ٿي اصولي طرح سان اهو طئي ٿيل آهي ته

> **اهڙا فرد جيڪي گهڻي محنت وارو ڪم ڪارڪن ٿا جيئن هاري ۽ رانديگر جن ۾ توانائي جو اخراج زياده آهي ۽ توانائي جو واپرائڻ پڻ اوترو آهي پنهنجي وزن برقرار رکڻ جي اهل آهن**

33 کان 70 گرام لحميات فراهم ڪن ٿيون مٿين غذا نشاستي کي خارج ڪري ٿي ۽ ان لاءِ چربي ۽ سٽپ حاصل ڪرڻ لاءِ صرف گوشت، مڇي، ڪڪڙ جي غذائي استعمال جي اجازت ڏني وڃي ٿي.

پاٿياٽ واري غذا جو انحصار کير ۽ انڊن تي پڻ آهي جنهن ۾ لحميات کان علاوه اٽڪل 30-45g ڪاربيده شامل آهن ۽ 2g گرام سٽپ به شامل آهي، انهن ٻنهي قسمن جي غذائن لاءِ وٽامن ۽ معدنيات جي سپليمينٽ جي ضرورت پوي ٿي.

ٻنهي غذائن سان هڪ جهڙا نتيجا حاصل ڪيا ويا آهن، ڏهن هزارن ماڻهن جي علاج اهو ڏيکاريو ته گهٽ توانائي واريون عذائون گهڻو وزن گهٽ ڪن ٿيون جيڪي سڌو سنئون علاج جي مدي تي دارو مدار رکن ٿيون. هنن جي استعمال سان 12 هفتن ۾ 20 ڪلوگرام وزن گهٽ ڪري سگهجي ٿو. اهي غذائون همشيه فزيشن جي نگهداشت هيٺ ڏيڻ گهرجن، جن کي ان جي باري ۾ ڄاڻ هجي ته اهي بدن ۾ ڪهڙا نتيجا ظاهر ڪن ٿيون. اهڙي طرح ان جو استعمال اهڙن ماڻهن تائين محدود ڪجي جيڪي تمام گهڻا ٿلها هجن، شروع ۾ ٿي انهن فردن جي دل جي ڪم ڪرڻ جي اهميت جو پورو جائزو وٺڻ گهرجي ۽ طبي نظرداري هيٺ انهن غذائن مان جيڪو وزن گهٽيو ان کي انهن فردن جي اهميت مطابق محدود ڪيو ويو جيڪي اهو برداشت ڪري سگهن ٿا تنهن ڪري ڏيان ان ڏس ۾ ڏنو وڃي ته وزن گهٽ ٿيڻ کان پوءِ به پروگرام کي جاري رکجي.

**متوازن برخلاف غير متوازن گهٽ توانائي واريون غذائون:-**

غذائي جزن ۾ متوازن گهٽ توانائي واريون غذائون اهڙا جزا فراهم ڪن ٿيون جيئن ڪاربيده جن ۾ % 50 < ٽوٽل توانائي جو حصو لحميات - 15% کان 20% ۽ سٽپ 30% > آهي اهڙن غذائن جي عموماً 1000 - 1200 K Cal / d رينج ٿئي ٿي. جڏهن توانائي جي حاصل ڪرڻ جي رفتار ان ليول کان هيٺ ڪري ٿي ته غذائي اجزا حاصل ڪرڻ مشڪل ٿي پوي ٿو. جيئن فولاد، ڪيلشم، مئگنيشم، وٽامن بي، زنڪ، ٽامو وغيره. تنهن ڪري اهڙين حالتن ۾ وٽامن ۽ معدنيات جي سپليمينٽ ضروري آهي جيئن ته آخرين مقصد وزن گهٽ ڪرڻ واري پروگرام جو اهوئي آهي ته وزن کي گهٽ ڪجي ۽ ان کي برقرار رکجي. اهو ظاهر ٿيندو ته غذائي طور تي متوازن گهٽ توانائي واريون غذائون جيڪي روا جي ڪاڏن مان تيار ڪيل آهن، جيڪي آساني سان حاصل ڪري سگهجن ٿيون ۽ قيمت جوڳيون آهن مقصد پورو ڪري سگهن ٿيون، غير متوازن گهٽ توانائي واريون غذائون هڪ يا وڌيڪ غذائي اجزاتي خاص زور وجهن ٿيون ته ٻين لاءِ جهلن ٿيون. گهٽ نشاستي واريون غذائون ان ڏس ۾ خاص طور تي شامل آهن، انسان جي بدني نظام جو رد عمل انهن کاڌن جي لاءِ مختلف آهي ۽ ان تي انحصار رکي ٿو ته فرد جي غذائي حالت، غذا جي اندر توانائي جو مقدار توانائي جي مقدار ۽ غذا ۾ توانائي فراهم ڪندڙ غذائي اجزا جو حصو ڪيترو آهي.

اهڙو ڪو ثبوت نه مليو آهي ته توانائي فراهم ڪندڙ غذائي جزن جي خصلت ۾ ردوبدل آئي، بدن جي ميٽابولزم ۾ تبديلي آئي، چربين جي مقدار ۾ گهٽتائي يا واڌ آئي جنهن جو توانائي جي کوٽ پيدا ڪرڻ ۾ لاڳاپو نه هجي مثلاً ڪاربيدن ۽ توانائي ۾ گهٽ غذائون (100g >) گهڻا پيشاب پئدا ڪري سگهن ٿيون جيڪي وزن گهٽائڻ واري پروگرام جي شروعات ۾ غلطي سان اهو تاثر ڏئي سگهن ٿيون ته بدن جي چربي گهٽ ٿي رهي آهي. جيتوڻيڪ نشاستي واريون عذائون وزن گهٽائڻ واري گهٽ مدائتي پروگرام لاءِ اثرائتيون ٿي سگهن ٿيون. پر هڪ پيرو جڏهن ڪاربيدن واري غذا وري وڌائي وڃي ٿي ته وزن وري وڌي وڃي ٿو. ان سان گڏوگڏ اهي غذائون ٿڪاوٽ پئدا ڪري سگهن ٿيون، اوڪارا پئدا ڪري سگهن ٿيون، بلڊ پريشر کي گهٽائي سگهن ٿيون، جسم ۾ معدنيات جي توازن کي بگاڙي سگهن ٿيون.

**بلڪل نئين قسم جون غذائون:-**

اهڙيون ڪيئي غذائون اچي ويون

# دل جي باءِ پاس آپريشن

# CORNARY ANGIO BY-PASS GRAFTING

آزاد اختر علي چانڊيو
ٻيڙو چانڊيو

دل (Heart) هڪ مشڪائون (Muscular) عضوو آهي، جنهن کي ڪارڊيڪ مسل (Cardiac Muscle) چئبو آهي. دل هڪ پمپ (Pump) وانگر ڪم ڪندي آهي ۽ رت (Blood) کي داٻ (Pressure) ذريعي شريانين ۾ ڌڪيندي آهي انساني جسم ۾ دل ٻي ۽ ٽئين پاسريءَ واري هڏيءَ جي هيٺان ڇاتيءَ ۾ ٿيندي آهي. هڪ نارمل انسان جي دل تقريبن سندس بند مٺ جي برابر ٿيندي آهي يعني لڳ ڀڳ 250 کان 300 گرام. دل هڪ ٿيلهي نما پردي ۾ ويڙهيل هوندي آهي جنهن کي پيري ڪارڊيم (Pericardium) چئجي ٿو. پيري ڪارڊيم جا ٻه حصا ٿيندا آهن، هڪ ٻاهريون ۽ ٻيو اندريون حصو. ٻاهرين حصي کي پرائٽل ليئر (Parietal Layer) ۽ اندرين حصي کي وسرل ليئر (Visceral Layer) چئبو آهي. انهن ٻنهي جي وچ ۾ هڪ خاص قسم جي پاڻياٺ موجود هوندي آهي، هي پاڻياٺ دل کي صدمن (Shock) ۽ خشڪ ٿيڻ کان بچائيندي آهي.

انساني دل جا چار خانا ٿيندا آهن جن مان ٻن مٿين خانن کي رائيٽ ۽ ليفٽ آريڪل (Right and left Auricles) ۽ ٻن هيٺين حصن کي رائيٽ ۽ ليفٽ وينٽريڪل (Right and Left Ventricles) چئبو آهي.

انساني جسم ۾ ٻن قسمن جون رت نليون ٿينديون آهن، جن مان هڪڙين کي رڳون / نسون (Veins) ۽ ٻين کي شريانيون / رت واهڻيون (Artries) چئبو آهي. رڳون (Veins) اهڙي قسم جون نليون آهن، جيڪي جسم جي مختلف حصن مان اڻ آڪسيجيل رت (آڪسيجن کان سواءِ رت) کي گڏ ڪري دل تائين واپس پهچائين ٿيون، جڏهن ته رت واهڻيون (Arteries) دل مان آڪسيجيل رت (آڪسيجن سان ڀرپور رت) حاصل ڪري جسم جي مختلف عضون ۽ حصن تائين پهچائينديون آهن.

دل کان جسم کي رت پهچائيندڙ رت نلين کانسواءِ دل جي مشڪ (Cardiac Muscle) کي رت ڏيندڙ نلين کي وري (Caronary Artries) چئبو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن ڪن خاص سببن جي ڪري انهن نلين جا قطر تمام سوڙها، سخت يا بند ٿي وڃن ٿا، جنهن ڪري دل جي مشڪن کي رت صحيح مقدار ۾ پهچي نه ٿو سگهي ۽ نتيجي ۾ دل جو دورو (Heart Attack) دل جو سور (Angina) ۽ ٻيون خطرناڪ بيماريون جنم وٺن ٿيون، نتيجي ۾ انسان موت جو شڪار ٿي سگهي ٿو. ان صورتحال کان بچڻ لاءِ اهڙن مريضن جي دل جي آپريشن ڪئي ويندي آهي جنهن کي دل جي باءِ پاس آپريشن (Coronary Angio By Pass Grafting) چيو وڃي ٿو.

دل جي آپريشن موجوده سائنسي دور جو هڪ غير معمولي ڪارنامو آهي، جنهن ذريعي دل جي ڌڙڪڻ (Heart beat) بند ڪري سندس ڪارڪردگي هڪ مشين (Heart Lung Machine) جي حوالي ڪئي وڃي ٿي. جيئن ته دل جي باءِ پاس آپريشن هڪ اهم ۽ دلچسپ موضوع آهي، تنهنڪري ان کي صحيح سمجهڻ لاءِ اسان ڪيس مختلف حصن ۾ ورهايون ٿا.

1. آپريشن ٿيٽر جو نظارو.
2. سينو چيرڻ.
3. هارٽ لنگ مشين لڳائڻ.
4. جسم جو درجي حرارت گهٽ ڪرڻ ۽ دل جي ڌڙڪڻ کي بند ڪرڻ.
5. دل جي باءِ پاس آپريشن ڪرڻ.
6. دل جي ڌڙڪڻ کي ٻيهر بحال ڪرڻ.
7. مريض جي سيني کي بند ڪرڻ.

# ماڻهو خودڪشي ڇو ٿا ڪن؟

## سائنسي نقطہ نظر هيٺ

سنڌيڪار: ڊاڪٽر سريش نانگڏيو، نصيرآباد

**خودڪشيءَ جو فيصلو هڪ تمام وڏو فيصلو آهي، جيڪو ڪيترين ئي ناڪامين ۽ مايوسين جي جذبات ۾ ئي ڪيو ويندو آهي ۽ ان جي پٺيان ڪيترائي معاشي، اقتصادي ۽ سياسي سبب ٿي سگهن ٿا. پر سائنسي نقطہ نظر کان جسم ۾ هڪ مخصوص ڪيميائي جزي جي گهٽتائي جي نتيجي ۾ انسان تي اهڙي ڪيفيت اثر ٿي ڪري جو ان جي ڪري بنا ڪنهن سبب جي خودڪشي ڪري سگهي ٿو.**

زندگي گلاب جي گل وانگر خوبصورت ۽ خوشبودار، چانڊوڪي جي چنڊ وانگر حسين، ڪنهن معصوم ٻار جي مسڪراهٽ وانگر دلڪش ۽ وڻندڙ، مطلب تہ هر عمل توڙي وڻندڙ شيءِ سان واسطو ٿي رکي. زندگي تمام خوبصورت بہ آهي تہ بدصورت بہ، ڪنهن جي لاءِ تہ زندگي جو هر لمحو هيري وانگر قيمتي ۽ خوبصورت آهي تہ ڪنهن جي لاءِ وري زندگي نالو آهي زندهہ لاش جو. جيڪو بہ ان مرده زندگي کان تنگ ٿئي ٿو تہ اهو پنهنجي هٿن سان پنهنجي زندگي ختم ڪري ڇڏي ٿو ۽ اهو عمل ”خودڪشي“ ٿو چوائي.

ڪجهہ سال اڳ ڪراچيءَ ۾ هڪ واقعو ٿيو هو، جنهن ۾ هڪ نوجوان جوڙي جي شادي نہ ٿي سگهي، جنهن ڪري ڇوڪريءَ خودڪشي ڪري ڇڏي. نوجوان ڪيترائي ڏينهن ان جي قبر تي روئندو رهيو ۽ آخرڪار ان نوجوان بہ پنهنجو پاڻ کي گولي هڻي ان قبر تي ماري ڇڏيو.

اهڙيون خبرون اڄڪلهہ اخبارن ۾ زينت بڻيل آهن، تہ ٻن محبت ڪندڙن جوڙي خودڪشي ڪري ڇڏي، گهريلو پريشانين کان تنگ ٿي ڪري ٻارن جي ماءُ خودڪشي ڪئي يا امتحان ۾ فيل ٿيڻ تي نوجوان شاگرد آپگهات ڪيو، حسين ۽ خوبصورت ڇوڪري معمولي ڳالهہ برداشت نہ ڪري سگهي ۽ آخرڪار زهريلي شيءِ کائي پنهنجو خاتمو آندو. اهڙن واقعن ۾ تيزيءَ سان اضافو ايندو ٿو وڃي. ”دنيا جيئن جيئن ترقي ڪندي ٿي وڃي تيئن تيئن ذهني پريشانيون ۽ ذهني مريض تيزيءَ سان وڌندا ٿا وڃن“.

آمريڪا جهڙي ترقي يافتہ ملڪ ۾ جتي جي هر ماڻهوءَ کي تقريبن سڀ آسائشون موجود آهن اتي ساليانو 75 هزار ماڻهو خودڪشي ڪن ٿا. ايتري شرح اڃان پاڪستان ۾ ڪونهي. اگر اسان جي معاشري جي صورتحال بہ ائين خراب ٿيندي رهي تہ پوءِ هتي بہ اهڙي ڪيفيت پيدا ٿي سگهي ٿي.

سوال اهو آهي تہ انسان خودڪشي ڇو ٿو ڪري، ڇا زندگي ڪنهن کي پياري ناهي؟

خودڪشي ڪندڙن جي هڪ وڏي تعداد جي جائزي مان اهو بہ معلوم ٿيو آهي تہ ان جي اڪثريت موت کي ويجهو ڏسي ڪري ڏڪي ويندي آهي ۽ آخري لمحن ۾ انهن جي اهائي ممڪن ڪوشش هوندي آهي تہ ڪهڙي بہ طرح جان بچي وڃي. پر ان وقت تيرڪمان مان نڪري چڪو هوندو آهي.

خودڪشيءَ جا ظاهري سبب ڪيترائي ٿي سگهن ٿا جيئن مٿين مثالن ۾ ٻڌايو ويو آهي، ايتريقدر جو تمام خوشحالي بہ پنهنجن هٿن سان موت جي طرف وٺي وڃي ٿي. جيئن آمريڪا جي هڪ آفيسر جو قصو آهي تہ هو تمام خوش ۽ مطمئن زندگي گذاري رهيو هو، ٻار سڀ لائق، پڙهيل ۽ فرمانبردار هئس زال تمام نيڪ ۽ سگهڙ هئس مطلب تہ هر قسم جي سهوليت ميسر هئس تڏهن بہ خودڪشي جي رستي کي اپنايائين.

”انسان خدا جي قدرت جي هڪ عجيب

مخلوق آهي ان جي شخصيت ايترن تہ تهن ۾ ويڙهيل آهي جو چنڊ تي لهڻ سولو پر انسان جي شخصيت تائين پهچڻ تمام ڏکيو نظر اچي ٿو."

آمريڪا ۾ ٿيندڙ تحقيقات مان خودڪشيءَ جي سببن جي هڪ نئين دريافت ٿي آهي. تمام ڪائنات ۾ حرف انسان ئي هڪ اهڙي مخلوق آهي جو مڪمل، شعور (Consciousness) جو مالڪ آهي ۽ ان کي نفعي نقصان جو احساس ٿئي ٿو. انسان جي ترقي ۽ زوال جا ڪيترائي قصا آهن ۽ اهو شعور انسان کي عروج تي بہ وٺي ويو ۽ پنهنجي هٿان موت ڏانهن بہ. انسان جو شعور انهيءَ ئي زندگي سان پيار ڪرڻ بہ سيکاري ٿو تہ انهي ئي زندگي کي پنهنجي هٿان قتل بہ ڪري ٿو. اها لڪل قوت جيڪا انسان کان خودڪشي ٿي ڪرائي اها قوت جين (Gene) [نسلي خلين جو مرڪز ڊي اين- اي (D.N.A) جي اها ڏور آهي جنهن ۾ جاندار جون موروثي خاصيتون لڪل هونديون آهن] مان ئي پيدا ٿئي ٿي. جين قدرت جو هڪ لڪل پيغام آهي جيڪو شڪل جي سڃاڻپ ۽ شخصيت جي پڇاڻي ڪري ٿو. ان لاءِ ڪنهن انسان جي جين ان جي زندگيءَ جي ڪيفيت تي بہ اثرانداز ٿئي ٿي ۽ اها ڳالهہ توهان ڄاڻو ٿا تہ انسان جو پورو جسماني نظام هڪ ڪيميائي ڪارخاني وانگر آهي ۽ ان ۾ زندگيءَ جو توازن برقرار رکڻ لاءِ مختلف ڪيميائي عنصر ڪم ڪن ٿا. جهڙي طرح اسٽاڪ هوم (سوئيڊن) جي ڪارو- لنڪسا اسپتال جي ماهرين پنهنجن تجربات مان اهو حاصل ڪيو آهي تہ هڪ قسم جي ڪيميائي مادي جنهن جو نالو 5هائيڊروڪسي انڊول ايسٽڪ ايسڊ رکيو ويو آهي جيڪو انسان جي ڪرنگهي واري پاڻيات (Spinal Fluid) ۾ ملندو آهي، انسان ۾ ان ڪيميائي جزي جي مقدار جي گهٽتائي انسان ۾ مايوسي (Depression) پيدا ڪري ٿي. جنهن جي نتيجي ۾ انسان تي اهڙي ڪيفيت حاوي ٿئي ٿي جو بنا مقصد جي خودڪشي ڪري ڇڏي ٿو. انهيءَ سائنسدان خودڪشي ڪرڻ وارن مريضن جي هڪ وڏي تعداد جو جائزو ورتو ۽ چيو تہ جيڪو ماڻهو خودڪشي ڪري ٿو انهن ۾ ان ڪيميائي مادي جي سطح نارمل کان گهٽ هوندي آهي ۽ ڪيترن مريضن ۾ تہ تمام گهٽ ڏٺي وئي. انهي نسبت سان جن مريضن ۾ ان ڪيميائي جزي جي سطح نارمل کان گهٽ هئي، انهن ۾ مايوسي، بي چيني ۽ پريشاني واري حالت هوندي آهي. آمريڪا ۾ بہ ٿيل تحقيقات مان بلڪل اهي ئي نتيجا مليا آهن. اميد ٿي ڪئي وڃي تہ انهيءَ دريافت سان هاڻي خودڪشي ڪرڻ وارن جي جانين کي بچائي سگهبو.

**خودڪشي ڪندڙن جي هڪ وڏي تعداد جي جائزي مان اهو بہ معلوم ٿيو آهي تہ ان جي اڪثريت موت کي ويجهو ڏسي ڪري ڏکي ويندي آهي ۽ آخري لمحن ۾ انهن جي اهائي ممڪن ڪوشش هوندي آهي تہ ڪهڙي بہ طرح جان بچي وڃي. پر ان وقت تيرڪمان مان نڪري چڪو هوندو آهي.**

ڪارولنڪسا اسپتال جي هڪ ماهر نفسيات ميري ايسبرگ بہ 1970ع جي آخر ۾ ان قسم جي مريضن تي تجربا ڪيا. ان جي ڪيپراٽي ۽ ڪرنگهي واري پاڻيات (Cerebro Spinal Fluid) ۾ ان قسم جي ڪيميائي مادي جي تلاش ۽ سڃاڻپ جو ڪم ڪيو هو. انهن مريضن جنهن جي ڪيميائي جزي جي سطح نارمل کان گهٽ هئي انهن مريض پاڻ چيو تہ سندن زندگيءَ سان ڪابہ دلچسپي ڪونهي ۽ مرڻ چاهين ٿا. انهن کي کائڻ پيئڻ سان ڪابہ دلچسپي ڪونہ هئي. تجربي مان ظاهر آهي تہ انهن مريض جو علاج ڪري سگهجي ٿو ۽ انهن جي ذهن مان خودڪشي جو خيال ختم ڪري سگهجي ٿو، پر اصل پريشاني اها آهي تہ حالت مختلف شڪلين ۾ پيدا ٿئي ٿي ۽ ان جي سبب جو صحيح علم نہ پيو ٿئي، پر ان نئين دريافت کان پوءِ اميد آهي تہ هاڻي هي ڪم جلد ڪامياب ٿي ويندو. ان سلسلي ۾ 68 مريضن جو جائزو ورتو ويو، جنهن ۾ تقريبن ڪيميائي مادي جي جنهن جو نالو مختصر (5, HIAA) يا (5, Hydroxy indole Acetic Acid) 5 هائيڊروڪسي انڊول ايسٽڪ ايسڊ آهي جي گهٽتائي ٿئي ٿي وڃي. انهن مريضن ۾ سڀ کان وڌيڪ ان

جو شوق هو. اهي به ان 5 ايچ آئي اي اي جي گهٽتائي جو شڪار هئا. جينوٽيڪ ان مادي جي گهٽتائي انسان کي تنهائي ۽ اڪيلائي ڏانهن وٺيو وڃي. ان کان علاوه هي به خيال آهي ته ان جزي جي گهٽتائي سان انسان ۾ مخالف جذبات پيدا ٿيندا آهن ۽ ان جي جهڳڙي جي اثر سان انسان خودڪشي ڏانهن مائل ٿي ويندو آهي. ان کي بم جي عمل جيان چيو ويندو آهي جنهن ۾ ٻن مختلف جزن جي ملڻ سان ڌماڪو ٿيندو آهي.

ان مان هر هڪ ۾ هڪ طاقتور جنسياتي جزو (Genetic Compound) موجود هوندو آهي جيڪو انهن جي پائرن جهڙو جاڙو (Fraternal Twin) جي مقابلي ۾ ڪرنگهي واري پاڻياٺ (Cerebro Spinal Fluid) ۾ موجود ان خاص ڪيميائي جزي 5 ايچ آئي اي اي سان ملندڙ جلندڙ آهي. ان سلسلي ۾ ڊينمارڪ جي ٻارن جي جائزي مان معلوم ٿيو آهي ته انهن جي پنهنجي زندگي جي پهرين ٻي سال ۾ ان ڪيميائي جزي جي گهٽجي وڃڻ ڪري خودڪشي جا امڪان ڇهه دفعا وڌيڪ ڏٺا ويا آهن ان جي ڀيٽ ۾ انهن جي هم عمر ٻين نارمل ٻارن جي وڌيڪ هئا.

گڏون جو به اهوئي خيال آهي ته خودڪشي ڪرڻ وارن ۾ ان ڪيميائي جزي (5 ايچ آئي اي اي) جي ڪوٽ ٿئي ٿي وڃي. ميساچوسٽس جنرل اسپتال بوسٽن جي ماهر نفسيات جيرالڊ ڪلرمين جو خيال آهي ته جيڪڏهن اسان شروعات ۾ ئي ڪهڙي به طرح انسان جي مختلف ڪيفيت جو اندازو لڳايون ته ان جي ذهن ۾ ڪهڙيون تبديليون ٿي رهيون آهن، جيڪڏهن خودڪشي جي جذبي کي مضبوط ٿيڻ کان اڳ ئي ختم ڪجي ته هڪ وڏي ڪاميابي ٿيندي. ان وڌيڪ وضاحت ڪندي چيو ته نفسيات ان سلسلي ۾ ڪا وڌيڪ ڪاميابي حاصل ڪري نه سگهي آهي پر وڌيڪ ڪيميائي جزي جي ڪارڪردگي جي حوالي سان ٿيڻ واري تجربات مان اها توقع آهي ته ان سان مسئلو حل ڪرڻ ۾ مدد ملندي.

ماهر نفسيات وڌيڪ ٻڌايو ته اوچتو خودڪشي جو تعداد ڏهه هزار مان هڪ جو ٿئي ٿو. پر ان کان هي خطرو پنهنجي جڳهه ظاهر ٿئي ٿو ته ايتري وڏي تعداد ۾ به ڪجهه اهڙا هوندا آهن جيڪي ڪنهن به وقت پنهنجو پاڻ کي موت ڏانهن وٺي وڃي سگهن ٿا. ان صورتحال کان بچڻ لاءِ ڊاڪٽر جيرالڊ هڪ قسم جي ٽيسٽ جي تجويز پيش ڪئي. ڪنهن به مريض جو علاج ڪرڻ کان اڳ ان جي ٽيسٽ ڪئي ويندي ان کان پوءِ علاج لاءِ سوچيو ويندو. ڊاڪٽر جيرالڊ اميد ظاهر ڪئي آهي ته مريض ان سلسلي ۾ تعاون ڪندو. ان ڪيميائي جزي (5 ايچ آئي اي اي) جي مقدار جي سلسلي ۾ سائنسدانن ان جو توازن ۽ تناسب ڪرنگهي واري پاڻياٺ (Spinal Fluid) سان قائم ڪيو آهي جيڪو دماغ ۽ مغزي ڏوري (Spinal Cord) کي سجاڳ ڪري ٿو. هاڻي ان ٽيسٽ ۾ 5 کان 13 ملي لٽر پاڻياٺ (Fluid) جو 20 منٽ جو عمل تيز رد عمل پيدا ڪري ٿو، جنهن سان مريض سخت مٿي جي سور ۾ به مبتلا ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪهڙي به طرح هي مسئلو حل ٿي وڃي ته پوءِ ان لڪل قوت جو پتو لڳائڻ مشڪل نه رهندو، جيڪو خودڪشي جو جذبو پيدا ڪري ٿو. ان جائزي جو مقصد انساني ذهن جي ان مسئلن جو جائزو وٺڻ آهي جنهن سان انسان خودڪشي جو رستو اختيار ڪري ٿو.

ماهرين جو خيال آهي ته خودڪشي ۾ نفسياتي، سماجي ۽ معاشرتي مسئلا ڪم ڪن ٿا. مثلاً معاشي مسئلن کان تنگ اچي ڪري خودڪشي ڪرڻ وارن جون خبرون اسان اخبارن ۾ ڏسون ٿا، جيئن ته 1900ع کان 1932ع جي وچ ۾ اقتصادي مسئلن جي ڪارڻ خودڪشي ڪرڻ وارن جو تعداد تمام وڌي ويو. جيئن ته عام حالتن ۾ اقتصادي سببن کان خودڪشي ڪرڻ وارن جو مقدار بي روزگارن جو گهٽ هو.

بي روزگاري ۾ جنهن تناسب سان فيصد ۾ واڌ ٿيندي آهي انهي نسبت سان خودڪشي جي شرح به وڌندي ويندي آهي جيئن وليمز ڪاليج (مني سوٽا (آمريڪا) ۾ ٿيندڙ تجربن کان معلوم ٿيو آهي.

ڊاڪٽر ايسبرگ جي خيال ۾ انهن نتيجن تي يقين ڪرڻ تمام ڏکيو آهي، جنهن کي هي ٻڌايو ويو هجي ته خودڪشي جا سبب ماحولياتي هوندا آهن. ڊاڪٽر ايسبرگ جو هي به خيال آهي ته جيڪڏهن ان دريافت ڪيل ڪيميائي جزي (5 ايچ آئي اي اي) سان انسان جي خودڪشي جي رجحان جو مڪمل تجزيو نه ٿي سگهيو ته اسان ان کان گهٽ ڪجهه اڳتي وڌي سگهون ٿا ۽ ممڪن آهي ته آئينده حاصل ٿيندڙ معلومات سان لاتعداد جانيون بچائي سگهجن. ڏسجي ڊاڪٽر ايسبرگ جو هي خيال مستقبل ۾ ڪهڙو رستو ڏيکاري ٿو.

کراچي ٽرانسپورٽ ڪارپوريشن ڪراچي
چوٿين ماڙ اينڪسي "بي" سوڪ سينٽر گلشن اقبال ڪراچي
ٽيليفون نمبر 4934396

## ٽينڊر نوٽيس

ڊسپوزل آف اَن سروس ايبل سبز

1- ڪي. ٽي. سي جي 296 سروس نہ ٿيڻ جوڳين فيات، هينو، اسوزو ۽ بيڊ فورڊ بسن جي ڊسپوزل لاءِ "جتي آهن، جيئن آهن" جي بنيادن تي سختي سان روڪ پئسن تي وڪري لاءِ مهر بند ٽينڊر گهرائجن ٿا. انهن بسن جو معائنو ڊيوٽس ۾ آفيس جي اوقات دوران واسطيدار ڊيپو جي ڊسٽرڪٽ مئنيجر وٽان اڳوات اجازت نامي سان ڪري سگهجي ٿو.

2- آچون مقرر ڪيل ٽينڊر فارمن تي ڏنيون ويندڙيون جن ۾ اَن سروس ايبل بسن جا تفصيل، شرط ۽ ضابطا شامل هوندا ۽ مئنيجر (پرچيز ۽ اسٽورس) ڪي. ٽي. سي وٽان =/500 روپين (پنج سئو روپين) ٽينڊر في (ناقابل واپسي) فنانس ونگ ۾ ڀرڻ سان حاصل ڪري سگهبا.

3- مهر بند آڇون ڪي. ٽي. سي جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪي ائڊريس ڪيل، آڇيل ملهہ جي پنج سيڪڙي برابر ڪي. ٽي. سي ڪراچي جي نالي ۾ بي آرڊر سان گڏ، چوٿين ماڙ انيڪسي - "بي" سوڪ سينٽر گلشن اقبال ۾ رکيل ٽينڊرن واري پيٽي ۾ وجهڻ گهرجن يا اهڙي نموني رجسٽرڊ پوسٽ ذريعي اماڻڻ گهرجن جيئن وڏ ۾ وڏ 20 نومبر 1994 تي يا ان کان اڳ ۾ پهچن.

ٽينڊر اهڙن سيني واڪ ڏيندڙن جي موجودگي ۾ کوليا ويندا جيڪي 12 وڳي منجهند جو ساڳئي ڏينهن تي ڊائرڪٽر فنانس جي آفيس ۾ موجود رهڻ گهرندا. اهڙيون آچون جيڪي سوٽي رقم جي بي آرڊر سان گڏ نہ هونديون، انهن تي غور نہ ڪيو ويندو.

مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪراچي ٽرانسپورٽ ڪارپوريشن ڪنهن بہ يا مڙني ٽينڊرن کي مڃڻ يا رد ڪرڻ جو بنا ڪنهن سبب ٻڌڻ جي حق محفوظ رکي ٿو.

**مئنيجر (پرچيز ۽ اسٽورس)**
**ڪراچي ٽرانسپورٽ ڪارپوريشن**
**ڪراچي**

**انفرميشن / ڪراچي - 5110**



آپ کی خوشحالی کے لیے ایک نیا منصوبہ
نیشنل بینک
ماہانہ آمدنی اسکیم
اس اسکیم میں کم از کم دس ہزار اور زیادہ سے
زیادہ جتنی رقم چاہیں جمع کرائیں اور متوقع
منافع ۱۶٫۲۰ فیصد سالانہ کے حساب سے حاصل کریں
جمع شدہ رقوم پر حکومت پاکستان کی ضمانت
آپ کی خدمت ہمارا افتخار
نیشنل بینک آف پاکستان
ہیڈ آفس : آئی آئی چندریگر روڈ، کراچی، پاکستان
Telephones: 2417989 - 2416781 - 10 lines Ext: 405
Fax: 2421236 - Telex: 23732 NBP PK

UNITED